روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) خميس 02 مارچ 2023ع بمطابق 09 شعبان المعظم 1444هه (قيمت 10 رپيا) شمارو 278

لاڏلو ملڪ لاءِ خطرو بڻجي رهيو آهي، منتن ۾ سوموٽو وٺڻ کان پوءِ فيصلو به اچي ويو: شرجيل ميمڻ

پڻ کان وڏيڪ ججز چيو ته اهو سوموٽو بڻجي ئي نٿو، لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اهي شيون هلي رهيون آهن

منٽن ۾ سوموٽو ورتو ويو، منٽن ۾ فيصلو اچي ويو ان کان وڌو فيصلو ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جو اڄان تائين رهيل آهي

لاڏلي انسان ملڪ ۾ تباهي ڪري ڇڏي آهي. چونڊن جي تاريخ جي فيصلي تي 2 نه پر 4 ججز اعتراض واريو آهي

چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجي پر ڪير اها گارنٽي ڏيندو ته عمران خان چونڊن جا نتيجا مڃيندو. سيني ڏٺو آهي ته ڪالهه عمران خان ڪهڙي طرح عدالتن ۾ انٽري ڏني هئي

عمران خان هن وقت مولاجٽ بڻيل آهي. اسان به عدالتون ۽ جيل ڀوڳيا آهن پر اهڙي قسم جي رعايت ته اسان کي به نه ملي آهي

عمران خان ملڪ ۾ غلط روايت قائم ڪري رهيو آهي. عمران خان کي گرفتار ٿيڻ گهرجي : سنڌ سماءَ وارو صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي ٻن نه پر چئن جج صاحبن اعتراض ڪيو آهي ته ان معاملي تي پاٺمرادو نوٽيس بڻجي ئي نٿو جڏهن اهو ڪيس لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ هيٺ آهي ته ان کي سپريم ڪورٽ ۾ هلڻ جي ضرورت ئي نه هئي. هن چيو ته ججن جي اڪثريت واضح طور تي پنهنجو موقف ڏنو آهي ته اهو پاٺمرادو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ سماءَ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

جنرل (ر) فيض حميد
جو اڳوڻن ججن سان
رابطي جو انڪشاف

اسلام آباد (م ڊ) جنرل (ر) فيض حميد اڄ ڪلهه آزاد ڪشمير حڪومت جو ڪوچ بڻيل آهي ۽ اسلام آباد ٽرڙي لاهور اچي وڃي رهيو آهي. ناميارن صحافين موجب فيض حميد جو وڪيلن ۽ ڪجهه اڳوڻن ججن سان به رابطو آهي. جڏهن ته پنهنجي پاءُ نجف حميد جي حوالي سان پريشان به آهي. ذريعن موجب عمران خان به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سپريم ڪورٽ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ٻن ججز جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل فيصلي سان اختلاف ڪيو، چيف جسٽس عمر عطا بنديال گذريل ڏينهن محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو

فيصلو 13 صفحن تي ٻڌل آهي ۽ جسٽس جمال مندوخيل ۽ جسٽس منصور علي شاهه جي اختلافي نوٽ 2 صفحن تي ٻڌل آهن

سپريم ڪورٽ فيصلو ٻن جي مقابلي ۾ ٽن جي اڪثريت سان ڏنو، بينچ جي اڪثريت درخواستگذارن کي رليف ڏنو

چونڊن بابت لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو اڳ ئي موجود آهي. چونڊن بابت پاٺمرادو نوٽيس نه پئي ٺهيو : ججز

اسيمبلي ٽٽڻ جي 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي : چيف جسٽس عمر عطا بنديال

گورنر ڪي پي ڪي چونڊن جو اعلان نه ڪري ذميواري کان انحراف ڪيو، گورنر ڪي پي ڪي صوبي ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري : فيصلي جو متن

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن بابت پاٺمرادو نوٽيس جي ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ ٻنهي صوبن ۾ چونڊون 90ڏينهن ۾ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ججز جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس جمال مندوخيل فيصلي سان اختلاف ڪيو. چيف جسٽس عمر عطا بنديال گذريل ڏينهن محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو سپريم ڪورٽ پاٺمرادو نوٽيس جولڪت ۾ به فيصلو جاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف کي اجلاس دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

سپريم ڪورٽ جو فيصلو، عمران خان جيل ڀريو تحريڪ تان ڦري ويو

آئين جي پاسداري سپريم ڪورٽ جي ذميواري هئي، سپريم ڪورٽ بهادري سان پنهنجو ڪردار نڀايو : عمران خان

سپريم ڪورٽ جو اڄوڪو فيصلو پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني جي تصديق آهي

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ معطل ڪرڻ ۽ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊ مهم شروع ڪرڻ جو به اعلان ڪيو

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جيل ڀريو تحريڪ معطل ڪرڻ ۽ چونڊ مهم جي شروعات جو اعلان ڪري ڇڏيو ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ عمران خان چونڊن جي حوالي سان عدالتي فيصلي جي آجيان ڪندي چيو ته آئين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

تحريڪ انصاف سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي جمهوريت جي فتح قرار ڏئي ڇڏيو

عدالت جا واضح حڪم اچي ويا، پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ صدر ڏيندو : فواد چوڌري

خيبر پختونخواهه ۾ فوري چونڊون ڪرائڻ لاءِ گورنر کي پابند بڻايو ويو آهي

اختلاف ڪندڙ ججز به 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ واري اصول کي تسليم ڪن ٿا

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي آئين ۽ پارلياماني جمهوريت جي فتح قرار ڏئي ڇڏيو سپريم ڪورٽ جي ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي

فرح گوگي کي پاڪستان آڻڻ لاءِ انٽرپول سان رابطي جو فيصلو

انٽرپول سان رابطي جي فيصلي تي گهرو وزارت کان اجازت گهري وئي

فرحت شهزادي کي اشتهاري قرار ڏيڻ جي لاءِ عدالت مان ريڊ وارنٽ حاصل ڪيا ويندا : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) فرحت شهزادي عرف فرح گوگي کي پاڪستان آڻڻ جي لاءِ انٽرپول سان رابطي جو فيصلو ڪري ورتو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

حڪومت آءِ ايم ايف جي دٻاءَ هيٺ صنعتن کان سستي بجلي جي سهولت واپس وٺي ڇڏي

ٽيڪسٽائيل، اسپورٽس، سرجيڪل ۽ چمڙي جي صنعتن کي سستي بجلي ڏيڻ جي اهل قرار ڏنو ويو

زيڊ آر آءِ ٽيرف جو خاتمو ٽيڪسٽائيل انڊسٽري لاءِ مايوس ڪندڙ آهي : چيئرمين لومز اونرز ايسوسيئيشن

حڪومت صفر ريٽ واري صنعت لاءِ 19.99 رپيا في ڪلوواٽ جي سهولت ختم ڪري ڇڏي آهي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي ماليياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي دٻاءَ هيٺ، برآمداتي صنعتن لاءِ سستي بجلي جي سهولت واپس ورتي وئي حڪومت اڄ کان صفر ريٽ واري صنعت لاءِ 19.99 رپيا في ڪلوواٽ جي سهولت ختم ڪري ڇڏي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ ريسورسز پرائيويٽ لميٽيڊ جو اجلاس، امتياز شيخ صدارت ڪئي

اجلاس ۾ آڊٽ رپورٽ ۾ ڏنل تجويزن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

مائننگ ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جو تحفظ سڀ کان اهم آهي: امتياز شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ريسورسز پرائيويٽ لميٽيڊ (SSRL) بلاڪ 1 ٿر ۽ سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني (SECML) (بلاڪ 2، ٿر پروجيڪٽ جي صحت ۽ حفاظت بابت ڪيل آڊٽ جي حوالي سان ڪيل آڊٽ رپورٽ حاصل ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪوشش ڪندا سين عمران خان کي عدالتن تي حملي جي ڪيس ۾ گرفتار ڪريون: راڻا ثناءُالله

جيل ڀريو تحريڪ ۾ هي پاڻ شوق سان جيل ۾ ويا هاڻ اندر ويندڙ ٻاهر اچڻ جي لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن

عمران خان ڪالهه سازش تحت ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ طئي ٿيل منصوبي تحت عدالت مٿان حملو ڪيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ جوڊيشل ڪامپليڪس تي حملو برداشت ڪرڻ جوڳو نه آهي

عمران خان جا ناز نخرا ڪنيا ويا. عدليه کي اپيل ڪريون ٿا ته اوهان عمران خان کي رعايت ڏني

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته عدالتن تي حملي جي ڪيس ۾ عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو ته جيل ڀريو تحريڪ ۾ هي پاڻ شوق سان جيل ۾ ويا هاڻ اندر ويندڙ ٻاهر اچڻ جي لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن هن چيو ته عمران خان ڪالهه سازش تحت ماڻهن کي گڏ ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

چونڊن بابت پاٺمرادو
نوٽيس کي رد ڪيون ٿا:
ججز جو اختلافي نوٽ

اسلام آباد(م ڊ) جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽ جمال مندوخيل چونڊن بابت پاٺمرادو نوٽيس تي اختلافي نوٽس لکيا آهن. ٻنهي ججز جو چوڻ آهي ته آرٽيڪل 184تي تحت هي ڪيس ٻڌڻ جوڳو نه آهي. عدالت کي اهڙن معاملن ۾ پنهنجو 184 تي وارو اختيار استعمال نه ڪرڻ گهرجيٻنهي ججز اختلافي نوٽس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

چونڊن بابت پاٺمرادو نوٽيس چار، ٽي سان رد ٿي ويو : اعظم نذير تارڙ

پاٺمرادي نوٽيس ڪيس جي فيصلي ۾ نظرثاني جي ضرورت ناهي ۽ نه ئي اهو تشريح طلب ڪرڻ جوڳو معاملو آهي

فيصلو واضح آهي، ٻن ججن چيو ته جيڪو فيصلو پهرين ٻن ججن ڏنو : قانون بابت وفاقي وزير

اسلام آباد(م ڊ) قانون بابت وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته چونڊن بابت پاٺمرادو نوٽيس چار، ٽي سان رد ٿي ويو صحافين سان ڳالهائيندي اعظم نذير تارڙ چيو ته پاٺمرادي نوٽيس ڪيس جي فيصلي ۾ نظرثاني جي ضرورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: قانون بابت وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مريم نواز 10 مارچ تي سکر جي عدالت طلب

مريم نواز پنهنجي تقريرن ۾ ادارن جي ساک کي نقصان پهچائي رهي آهي : وڪيل ظهيربابر

مريم نواز ججز ۽ پاڪ فوج سميت مختلف ادارن کي نشانو بڻايو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ادارن خلاف ڳالهائڻ ۽ عوام کي ڀڙڪائڻ واري ڪيس ۾ نوازليگ جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومت رمضان پيڪيج تيار ڪري ورتو، وڏي سبسڊي جو فيصلو

وفاقي حڪومت طرفان ايندڙ مهيني رمضان لاءِ 5 ارب رپين جي سبسڊي جو پيڪيج تيار ڪيو ويو

رمضان پيڪيج تحت 19 عام واهپي جي شين تي سبسڊي ڏني ويندي

رمضان پيڪيج تحت سبسڊي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ ماڻهن لاءِ هوندي : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت رمضان المبارڪ لاءِ رليف پيڪيج تيار ڪري ورتو ذريعن موجب وفاقي حڪومت طرفان ايندڙ مهيني رمضان لاءِ 5 ارب رپين جي سبسڊي جو پيڪيج تيار ڪيو ويو آهي، جنهن تحت 19 عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ بند پيل اسڪول کولڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي

مئجسٽريٽ مقرر ڪري اسڪولن جو دورو ڪيو وڃي، عدالت پاران ضلعن جي ججن کي حڪم

سرڪاري اسڪولن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جا تفصيل ڏنا وڃن : جسٽس صلاح الدين پنهور

سکر (بيورو رپورٽ) سکر: سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ بند پيل اسڪول کولڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي مئجسٽريٽ مقرر ڪري اسڪولن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي مس فوزيه وقار کي عهدي جو حلف کڻائي رهيو آهي

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي رٽائرڊ ججن ۽ جنرلن کي ملندڙ مراعتن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو

پي اي سي چيئرمين نور عالم خان جي صدارت هيٺ پارليامينٽ جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ رٽائرڊ ججن ۽ جنرلن کي ملندڙ مراعتن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو

مُلڪ ۾ ڊيڊلڪ سرڪاري گاڏيون آهن، ان جو پيٽرول بند ڪيو وڃي : برجيس طاهر

اسلام آباد (م ڊ) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (پي اي سي) رٽائرڊ ججن ۽ جنرلن کي ملندڙ مراعتن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو آهي. پي اي سي چيئرمين نور عالم خان جي صدارت هيٺ پارليامينٽ جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

شهيد نذير عباسي جي
نالي سان منسوب روڊ
تي تختي ٻيهر نصب

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) صحافت سوڀاري ٿي، آمر ضياءُ الحق جي مارشلا وارن ڏينهن ۾ شهادت ماڻيندڙ عظيم انقلابي اڳواڻ شهيد نذير عباسي جي نالي سان ٽنڊوالهيار ۾ منسوب روڊ تي لڳل سنڌس نالي واري يادگار تختي وارو ڊاٽل ٻيهر لڳايو ويو آهي ۽ ساڳي ئي روڊ تي ان يادگار جي تعمير ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته ٽنڊوالهيار سيشن ڪورٽ روڊ شهيد نذير عباسي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: وزيراعظم جو ڪشمير ۽ گلگت بلتستان بابت صلاحڪار قمرزمان ڪائره وزيراعظم آزاد جمون ڪشمير سردار تنوير الياس سان ڳالهائيندي

پ پ سنڌ تباهه ڪري ڇڏي: زين شاهه

عوام کي مهانگائي، ڪرپشن ۽ بدامني خلاف نڪرڻو پوندو

سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ متاثر اڃا تائين دربدر آهن : آمري ۾ مارچ کي خطاب

آمري (رپورٽر) ملڪ ۾ تڪراري ڊجيٽل آدمشماري ۽ سنڌ جي ٻين ٻرندڙ مسئلن جي حل لاءِ سکر کان نڪتل ايس يو پي جو لانگ مارچ منزل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي جي پاپوش نگر ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، 2 جوابدار گرفتار، هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ

سي ٽي ڊي ڳجهي اطلاع تي پاپوش نگر واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪري ٻن جوابدارن فهد بلوچ ۽ زاهد بلوچ کي گرفتار ڪيو

گرفتار ڪيلن جي قبضي مان هڪ لاشنڪوف، 17 نائن ايم ايم پسٽل، هزارين گوليون هٿ ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پاپوش نگر ۾ سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار ۽ هزارين گوليون هٿ ڪري ورتا، سي ٽي ڊي ترجمان موجب، ڪارروائي دوران فهد بلوچ ۽ زاهد بلوچ کي گرفتار ڪيو آهي، سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ سنڌ پريميئر ليگ جي رونمائي تقريب منعقد

سنڌ پريميئر ليگ جي پهرين سيزن ۾ 6 فرنچائز شامل ڪيون ويون

سنڌ صوبي لاءِ فخر جو ڏينهن آهي، ايس پي ايل شروع ٿي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن ۽ شهرن مان ڪرڪيٽ جي رانديگرن کي موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ پريميئر ليگ (ايس پي ايل) شروع ڪئي وئي آهي. سنڌ پريميئر ليگ جي رونمائي تقريب سنڌ اسيمبلي آڊيٽوريم ۾ ٿي گذري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: پاپوش نگر ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار بيٺل آهن

ڪراچي ۾ عورتن لاءِ گلابي بس سروس جا 2 وڌيڪ روٽ شروع

صوبائي شرجيل ميمڻ ۽ سيد ناصر شاهه گلابي بس سروس جو افتتاح ڪيو

پيپلز پارٽي عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن: شرجيل ميمڻ

گلابي بس سروس عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ وڏو قدم آهي: شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ وڌيڪ ٻن روٽن تي عورتن لاءِ مخصوص پيپلز پنڪ بس پنهنجي سفر جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ پهرين ڊجيٽل آدمشماري شروع

10 ورهين جي مقرر وقت کان 5 سال اڳ شروع ٿيندڙ آدمشماري هڪ مهيني تائين جاري رهندي

ڊجيٽل آدمشماري ۾ پاڪ فوج جا 86 هزار آفيسر ۽ جوان سيڪيورٽي ذميواريون نڀائيندا

ڊجيٽل آدمشماري تحت هر اسٽرڪچر جي ٽيگنگ ٿيندي : شماريات کاتي وارو ميمبر سرور گوندل

ڪراچي (م ڊ) سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ پهرين ڊجيٽل آدمشماري اڄ کان شروع ٿي وئي آهي. 10 ورهين جي مقرر وقت کان 5 سال اڳ شروع ٿيندڙ آدمشماري هڪ مهيني تائين جاري رهندي. ڊجيٽل آدمشماري ۾ پاڪ فوج جا 86 هزار آفيسر ۽ جوان سيڪيورٽي ذميواريون نڀائيندا. ان حوالي سان شماريات کاتي جي ميمبر محمد سرور گوندل چيو آهي ته آدمشماري دوران عملي جو ماڻهو اوهان جي گهر ڪندو اهو جڏهن اوهان جي گهر ايندو ته اوهان جي گهر تي ٽيبليٽ سان گڏ جيو ٽيگ ڪندو. هر انوميٽر سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

"توکان پوءِ ڪير اسان جي سپرين
لهندو سار" مڙس جي لاڏاڻي تي
زال آپگهات ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) لاهور جي علائقي سندر ۾ هڪ گهر مان زال ۽ مڙس جا لاش هٿ آيا آهن پوليس جي شروعاتي جاچ موجب مڙس جو طبعي موت ٿيو ته زال پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري باهه ڏئي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ به فوت ٿي وئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ديپالپور واسي 51 ورهين جو نذير ۽ 46 ورهين جي نبيلا محنت مزدوري لاءِ لاهور آيا هئا ۽ لوهارن والا کوهه جي علائقي ۾ رهڻ لڳا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان عورتن جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ٽيڪس نه ڀريندڙ گاڏين کان ٽيڪس وصولي جي مهم جاري

جاري مهم دوران اٽڪل 37000 گاڏيون چيڪ ڪيون ويون

اوپن ليٽرتي هلندڙ گاڏيون ضبط ڪيون وينديون: مڪيشن چاولا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ايڪسائيز کاتي پاران ٽيڪس نه ڏيندڙ گاڏين جي مالڪن کان ٽيڪس وصولي لاءِ جاري مهم جي 15 هين ڏينهن جي پڄاڻي تائين 36 هزار 947 گاڏين جي چيڪنگ ڪئي وئي، روڊ چيڪنگ مهم 13 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

قائد اعظم يونيورسٽي انتظاميا جو پنجاهه شاگردن تي ڪيس داخل

شاگردن تي ڪيس سرڪاري ڪم ۾ مداخلت، ڀڃ ڊاهه ۽ شاگردن کي هيسائڻ تي داخل ڪرايا ويا

جهيڙي بعد يونيورسٽي جي ملڪيت کي نقصان پهچايو ويو : ايف آءِ آر جو متن

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد قائد اعظم يونيورسٽي انتظاميا 50 کان وڌيڪ شاگردن خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيا. ميڊيا رپورٽن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

عالمي ماهرن پاڪستانين
کي سخت گرميءَ کان
خبردار ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) عالمي موسمياتي ماهرن پاڪستان ۽ ڀارت ۾ هن سال مارچ جي آخر کان مئي تائين سخت گرمي جي لهرن جي اڳڪٿي ڪئي آهي عالمي موسمياتي ماهر جيسن نڪولس موجب پاڪستان ۽ ڀارت ۾ خشڪ ٿڌ سان هلندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نواز شريف کي سزائون ۽ عمران کي جزائون انصاف جو خون آهن: سعد رفيق

صوبائي اسيمبلين جي چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جو فيصلو قانون ۽ انصاف جي بنيادي تقاضائن جي خلاف آهي

سپريم ڪورٽ جي سينيئر ججن جي راءِ کي بار بار نظرانداز ڪرڻ ڪيئن انصاف آهي؟

ضرورت ۽ ترجيح جي نظريي جي بنياد تي، صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي سنڌن ووٽن جي ڳٽپ کان سواءِ ئي نااهل قرار ڏنو ويو

سلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير ۽ مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻ خواجا سعد رفيق جو چوڻ آهي ته نواز شريف کي سزا ۽ عمران کي سزا انصاف جو خون آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽنگواڻي ويجهو انڊس هاءِ وي تي مقابلي دوران 2 ڌوهاري مارجي ويا، هڪ اهلڪار به شهيد

ٺل ـ ڪنڌڪوٽ انڊس هاءِ وي تي گشت ڪندڙ اهلڪارن جو ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو

مقابلي دوران فائرنگ ۾ 2 ڌوهاري مارجي ويا، اهلڪار در محمد بڪراڻي شهيد ٿي ويو

مارجي ويلن مان هڪ ڄڻي جي عبدالستار ڪوسو طور سڃاڻپ ٿي آهي : پوليس

ٽنگواڻي (رپورٽر) ٽنگواڻي ويجهو انڊس هاءِ وي تي مقابلي دوران 2 ڌوهاري مارجي ويا، هڪ اهلڪار به شهيد، پوليس موجب ٺل ـ ڪنڌڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري

ڪراچي ۾ سنڌ ٽوئرزم ڪارپوريشن بورڊ جو اجلاس ٿي گذريو

اجلاس دوران ڪينجهر ڍنڍ تي اليڪٽرانڪ گيٽ لڳائڻ جي منظوري

سنڌ ٽوئرزم ڪارپوريشن ۾ مقرري جي به منظوري پڻ ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ٽوئرزم ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي بورڊ جو سٺون اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پاڪستان سپر ليگ کيڏڻ لاءِ
انگلش ڪرڪيٽر ايليڪس
هيلز پاڪستان پهچي ويو

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان سپرليگ کيڏڻ لاءِ انگلش ڪرڪيٽر ايليڪس هيلز پاڪستان پهچي ويو ايليڪس هيلز پي ايس ايل 8 ۾ اسلام آباد يونائيٽيڊ جي نمائندگي ڪري رهيو آهي. ٽاپ آرڊر بيٽر ايندڙ ميچن ۾ اسلام آباد لاءِ دستياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وفاقي وزير احسان الرحمان مزاري سان قازڪستان جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

انٽربئنڪ ۾ رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي، ڊالر مهانگو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ 3 رپيا 50 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ ڊالر 265 رپيا ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 267 رپين تي برقرار

ڪراچي (م ڊ) انٽربئنڪ ۾ اڄ ڊالر جي قيمت ۾ اضافو ڏٺو ويو وجهي ۽ ڊالر 3 رپيا 50 پئسا مهانگو ٿي ويو آهي انٽربئنڪ ۾ 3 رپيا 50 پئسا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ يوٿ ڪاميٽي جي چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگهرو جي گرفتاري خلاف احتجاج

حمزه علي چانڊيو ۽ ٻين جي گرفتاري خلاف نوشهرو فيروز جي صحافين احتجاجي مظاهرو ڪيو

ضمير حسين لنڊ -عادل عباسي -شاهد عظيمي -جنيد وسطڙو اسد عمراڻي -سليم ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ضلعي جا وڪيل صحافي شاعر اديب تنهنجي درتي ڏرٽو هٽندا ڪجهه به ٿيوان جا ذميار توهان پاڻ هوندا: اڳواڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽ: اسد علي عمراڻي) سنڌ يوٿ ڪاميٽي جي چيئرپرسن سنڌو نواز گانگهرو حمزه علي چانڊيو ۽ ٻين جي گرفتاري خلاف نوشهرو فيروز جي صحافي وڪيل اديب سراپا احتجاج نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهرو فيروز: سنڌو نواز گهانگهرو جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ 7هين ڊجيٽل هائوس ڳڻپ مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ 7هين ڊجيٽل هائوس ڳڻپ مهم جوافتتاح ڪندي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ نمبر لڳائي ڇڏيو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ سينس آفيسر عابد حسين ڏاهري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين ۽ ٻيا آفيسر موجود هئا. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته اڄ کان ڳڻپ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

لاڪاروڊ پرسان هوت خان جلباڻي جي رستم علي سومرو جو پٽ ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

غلام مرتضي سومرو 11 هزار بجلي جي تار مان شارٽ لڳڻ سبب فوت گهر ۾ ڪهرام

نوجوان جي اچانڪ موت تي هوت خان جلباڻي شهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو

لاڪاروڊ (رپورٽر) لاڪاروڊ پرسان هوت خان جلباڻي جي حاجي رستم علي سومرو جو نوجوان پٽ غلام مرتضي سومرو 11 هزار بجلي جي تار مان شاٽ لڳڻ سبب فوت گهر ۾ روڄ راڄو نوجوان 9 ڪلاس جو شاگرد هو ۽ پاڻ ۾ ٻه ڀائر هئا نوجوان جي اچانڪ موت تي هوت خان جلباڻي شهر ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو

****

پرياسٽي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جي اغوا ٿي ۾ احتجاجي مظاهرو

ايس ٽي پي اڳواڻ ضمير سهتو رفيق احمد عمراڻي ساجد علي چنا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج

ڌرتي تنگ ڪئي پئي وڃي احتجاج هر ڪنهن جو جمهوري حق آهي، مذمت ڪريون ٿا: مظاهرين

سنڌو نواز گهانگهرو سميت ٻين تان ڪيس ختم ڪري فورن آزاد ڪيو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري مجيد ڪيريو راڻا عبدالستار ٻي ٽي آءِ اڳواڻ يوسف سومرو ايس ٽي پي اڳواڻ ضمير سهتو رفيق احمد عمراڻي ساجد علي چنا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙن جي لاءِ ڌرتي تنگ ڪئي پئي وڃي احتجاج هر ڪنهن جو جمهوري حق آهي سنڌ يوٿ ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز: سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جي اغوا ٿي ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ شهيد بينظير ٻلو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائينل ٿي گذريو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ شهيد بينظير ٻلو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائينل گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوشهرو فيروز ۾ ٿي گذريو فائينل ۾ پهتل ٽيمن شاه لطيف ڪرڪيٽ ڪلب ۽ مهراڻ سي سي ڪرڪيٽ ڪلب جو دنگل ٿي ٿيو. شاه لطيف ڪلب 6 وڪيٽن جي نقصان تي 297 رنسون ٺاهي سوڀاري ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

غوثپور شهر ويجهو ڳوٺ جام ننڍو پيو ۾ مبينا گولي لڳڻ سبب پوليس اهلڪار جو پٽ مارجي ويو

جام ننڍو پيو ۾ رات شادي جي تقريب ۾ خوشي ۾ ٿيل فائرنگ ۾ نوجوان اشفاق احمد پيو زخمي ٿيو

ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال ڪنڌڪوٽ ڪٽائي ويا جتي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

منهنجي پٽ کي ڪنهن اڻ ڄاتل ماڻهو وچ وڻي گولين هڻي قتل ڪيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: غلام علي پيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر ويجهو ڳوٺ جام ننڍو پيو ۾ مبينا گولي لڳڻ سبب پوليس اهلڪار غلام علي پيو جو پيهه ررهين جو پٽ اشفاق احمد پيو فوت ٿي ويو رات دير سان ڳوٺ جام ننڍو پيو ۾ رات شادي جي تقريب ۾ خوشي ۾ ٿيل فائرنگ ۾ نوجوان اشفاق احمد پيو سخت زخمي ٿي پيو جنهنکي سندس وارث ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال ڪنڌڪوٽ ڪٽائي ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي ايئرپورٽ جي اڳيان ڪانٽريڪٽ ملازمن فارغ ڪرڻ خلاف احتجاج

احتجاج ڪندڙ ملازم بي هوش ٿي ويو جنهن کي بي هوشي جي حالت ۾ اسپتال منتقل

ايئرپورٽ تي ٺيڪيداري سسٽم تحت 2600 سئو ملازمن کي فارغ ڪيو ويو آهي: مظاهرين

بحال ڪري واپس نوڪري تي رکيو وڃي نه ته اسان مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رکنداسين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايئرپورٽ جي اڳيان ڪانٽريڪٽ ملازمن جو نوڪري کان فارغ ڪرڻ خلاف ٽن ڏينهن کان احتجاج جاري احتجاج ڪندڙ ملازم بي هوش ٿي ويو جنهن کي بي هوشي جي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو ملازمن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي: ڪانٽريڪٽ ملازمن فارغ ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول (2) جي هيڊ ماسٽر رٽائر ٿيڻ تي چارج رياض حسين حوالي

ٺٽون ديرو(رپورٽ:شاد محمود پٽو) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول (2) جي هيڊ ماسٽر عبدالقادر کهڙو جي رٽائرڊ ميٽ ٿيڻ بعد سينيئر استاد رياض حسين ميراڻي هيڊ ماسٽري جي چارج ملڻ تي ميراڻي برادري جي فدا حسين ميراڻي، ڪائونسلر زوار ظهير احمد ميراڻي، پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي ٺٽون ديرو جو انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گهارو هائيئر سيڪنڊري اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ، ٻارڙا ٻلاڪن تي ويهڻ تي مجبور

محرم علي لاشاري جي محنتن سان قائم ٿيندڙ هائي اسڪول تباهي جي ڪناري تي پهتل

ضلعي انتظاميا وٽ فرنيچر پهتل آهي پر ڏيڻ لاءِ تيار ناهن: سماجي ورڪر ۽ شاگردن جو الزام

قبضو ڪندڙن طرفان ڪيس داخل ڪيو ويو پر سندن آواز ٻڌڻ وارو ڪو به نه آهي: ڳالهيون

گهارو رپورٽ (بشام جوکيو) گهارو هائيئر سيڪنڊري اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ ٻارڙا ٻلاڪن تي ويهڻ تي مجبور. 1981 ۾ سائين محرم علي لاشاري جي محنتن سان قائم ٿيندڙ هائي اسڪول تباهي جي ڪناري تي. قومن جي ترقي خوشحالي علم ۽ تعليم جي ڪري هوندي آهي اهڙي طرح جوندا آهن ته جيڪڏهن ڪنهن به قوم کي ختم ڪرڻو هجي ته ان کان تعليم حشر ولنو ته اها قوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽون ديرو شهر جي پير گرگهل شاه پاڙي جي رهواسي نوجوان پاران مظاهرو

مون پنهنجي گهرواريءَ کي 2 سال اڳ طلاق ڏئي ڇڏي آهي: سيد غلام شاه

منهنجو سهرو سيد پير شاه مختلف ماڻهن جي معرفت دٻاءُ وجهي رهيو آهي

مون کي يا منهنجي ٻارن کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار سيد پير شاه هوندو

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) ٺٽون ديرو شهر جي پير گرگهل شاه پاڙي جي رهواسي نوجوان سيد غلام شاه پنهنجي معصوم ٻچن سميت احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته مون پنهنجي گهرواريءَ کي 2 سال اڳ طلاق ڏئي ڇڏي آهي طلاق بعد منهنجي گهرواري ننڍڙو معصوم پٽ به سان کڻي وئي جيڪو منهنجي گهرواري ۽ ساهرن جي لاپرواهي، جي ڪري بيمار ٿي پيو جنهن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽون ديرو: رهواسي نوجوان ۽ سندس ٻارڙا احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين جي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون پاران 7 هين آدم شماري ۽ گهر شماري جو افتتاح

بدين (مرتضي ميمڻ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي 7 هين آدم شماري ۽ گهر شماري جو افتتاح ايگروويل ڪالوني ۾ گهر تي نمبر هڻي ڪري ڇڏيو آهي انهي سلسلي ۾ دربار هال بدين ۾ پڻ افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي چيو ته آدم شماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگهرو تي تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن ايس ايڇ او ڪنڌيارو تشدد ڪيس داخل ڪرڻ خلاف پريس ڪلب ٻاهران مظاهرو ڪيو

ايس ٽي پي اڳواڻ ناهيد ملڪ ادبي سنگت جي اڳواڻ سارنگ ڪلادي اڪرم ٿهيم نوربخش شريڪ

ڪارروائي ڪري ڪيس نوڪري مان برطرف ڪيو وڃي نه ته سڄي سنڌ ۾ احتجاج جاري رهندو: مظاهرين

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگهرو سندس ساٿين مٿان پوتارن جي ايس ايڇ او ڪنڌيارو تشدد ڪيس داخل ڪرڻ خلاف پريس ڪلب ٻاهران جسقم سنڌ سهائي سٿ گهوٽڪي ايڪشن ڪاميٽي جسم ايس ٽي پي ۽ ٻين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سهائي سٿ چيئرپرسن ڊاڪٽر آشا ڌاريجو جسقم ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ڏنڊو، نظرپور، موياءِ ۾ بدامني وڌي وئي، اختياريون خاموش

ڏنڊو ٽائي جي حد مين بدين روڊ شاهواد تي ٽاور مان نامعلوم چور لکين روپين جي واردات ڪري ويا

هٿيار بند ٽريڪٽر کاهي گم ٿي ويا پر پوليس اڃ تائين چورن جو پتو لڳائڻ ۾ مڪمل ناڪام بڻيل

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ڏنڊو، نظرپور، موياءِ ۾ بدامني وڌڻ لڳي رهواسي پريشان انتظاميا خاموش تماشائي تعلقي جا ڪافي شهر چورن لاءِ آرام گاه بڻيل جڏهن ته گذريل ڪجهه ڏينهن پهرين ڏنڊو ٽائي جي حد مين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

محبت ديرو جي رهواسي جوڙو تحفظ لاءِ پرياسٽي پهچي ويو، احتجاجي مظاهرو

اڳوٽو مڙس ابراهيم سومرو تشدد ڪندو هو، ماجد سولنگي سان شادي ڪئي: اقرا سومرو

ڳنڊو، ماهي، عرس، منٺار، منل ۽ شاهد سومرو جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) محبت ديرو جي رهواسي جوڙو تحفظ لاءِ پرياسٽي پهچي ويو ان سلسلي ۾ محبت ديرو جو رهواسي اقرا سومرو پنهنجي مڙس ماجد سولنگي سان گڏ ميڊيا سينٽر پرياسٽي پهچي ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجو اڳوٽو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز: پريمي جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس پاران سنيپ چيڪنگ جاري

پوليس پاران حيدرآباد ٽنڊو محمد خان مين روڊ تي بائي پاس تي گاڏين جي چيڪنگ هلندڙ

ايس ايس پي غلام نبي ڪيريو جي خصوصي هدايتن تي سنيپ چيڪنگ ڪئي پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان جي خصوصي هدايت تي ڊي ايس پي ٽنڊو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

يوسي شاه مريد جي راهو ڪهرام ڳوٺ ۾ ٻارن جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب جو اهتمام

تقريب ۾ صوبائي وزير سوشل ويلفيئر محمد ساجد جوکيو تقريب جي صدارت ڪئي

پي ايس 87 پيپلز پارٽي جو صدر امداد جوکيو ۽ ٻين معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) مليرڳلاب يوسي شاه مريد جي راهو ڪهرام ڳوٺ ۾ سالياني ٻارن جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ صوبائي وزير سوشل ويلفيئر محمد ساجد جوکيو تقريب جي صدارت ڪئي مهمانن ۾ ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

محرابپور ۾ سنڌو نواز گهانگهرو ۽ سندس ساٿين مٿان تشدد گرفتاري خلاف احتجاج

سچل ڪميونٽي محراب پور پاران احتجاجي ريلي پبلڪ لائبريري کان ڪڍي وئي

ڪنڌيارو پوليس ايس ايڇ او سميت اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: مظاهرين

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو) محرابپور سنڌو نواز گهانگهرو ۽ سندس ساٿين مٿان تشدد، گرفتاري واري عمل خلاف سنڌ سجاڳي ناري تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

محرابپور: سنڌو نواز گهانگهرو جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حڪومت چاهي ٿي ته ٻار اسڪولن ۾ اچن ۽ والدين به ٻارن جي تربيت ڪن: اير ڊي سيف

ٿري علائقن ۾ اسڪول ڪيئن هلندا پر هتي اچي ڏٺو ته دل خوش ٿي وئي ته شعور اچي ويو آهي

ضلعي ۾ سيف جا 4 سئو اسڪول آهن اتي ٽريننگ سينٽر کولي استادن جي تربيت ڪنداسين

نڪرانو (رپورٽر) نڪرانو ۾ سيف جي اسڪولن جو افتتاح اير ڊي سيف شريڪ ٿري علائقن ۾ اسڪولن جي ڪارڪردگي جو بهتر هجڻ سني ڳالهه آهي سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته ٻار اسڪولن ۾ اچن ۽ والدين به ٻارن جي تربيت ڪن اير ڊي سيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو محمدخان ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ڊائنامڪ رجسٽريشن وارو عمل رولڙي جو شڪار

عورتون وظيفي کان رهجي ويل مستحق عورتن رجسٽريشن لاءِ سينٽرن ٻاهران دربدر ٿيڻ لڳيون

وظيفي کان محروم آيل عورتن جي رجسٽريشن ڪرڻ بجائي سينٽر کي رشوت جو ڳڙ ٻڌائي ڇڏيو

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر) ٽنڊومحمدخان ضلعي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ڊائنامڪ رجسٽريشن وارو عمل رشوت جي ور چڙهيل وظيفي کان رهجي ويل مستحق عورتن رجسٽريشن لاءِ سينٽرن ٻاهران دربدر ٿيڻ لڳيون تفصيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊومحمدخان: بي آءِ ايس پي خلاف عورتون احتجاج ڪري رهيون آهن

ٽنڊو باگو لڳ ٽنڊو روڊ تي سونهار ڊنڊ وٽ نامعلوم هٿياربندن پاران ڦر، 2 زخمي

هٿياربندن ڪيسرو ۽ علو پيل کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

هٿياربندن ڦورن سان مزاحمت ڪرڻ تي ڪيسرو پيل ۽ علو پيل سخت زخمي ٿي پيا

ٽنڊو باگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊو باگو لڳ ٽنڊو روڊ تي سونهار ڊنڊ وٽ نامعلوم هٿياربندن پاران هٿيارن جي زور تي ٽنڊو باگو شهر کان ڳوٺ ويندڙ موٽر سائيڪل سوارن ڪيسرو پيل ۽ علو پيل کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي ضلعي اوير ۾ مردم شماري وارو عمل شروع ٿي ويو

عملدار هائوسنگ لسٽن سميت فليڊ ۾ رهي پنهنجو ڪم جاري رکن: ڊي سي

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا 2 هزار اهلڪار ڊجيٽل مردم شماري ڪندا: تبريز مري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ضلعي اوير ۾ مردم شماري وارو عمل شروع ٿي ويو ان حوالي سان ڊي سي اوير آفيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر تبرز مري مهر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊي سي لاڳاپيل ضلعي انتظاميه جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي اڄ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين ۾ ڪراچي واسي ناري جو احتجاجي مظاهرو تحفظ جي گهر

رهواسي نوجوان ابراهيم ڪنڀار سان شريعت محمدي نڪاح ڪيو آهي: ناري

منهنجي زال جا ڪجهه مائٽ اسان جي شاديءَ ۾ ناراض آهن اسان جي جان کي خطرو آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ ڪراچي واسي ناري جو احتجاج تحفظ جي گهر ڪراچي جي هجرت ڪالوني جي رهواسڻ ناري فرزاڻ ڪوسو بدين واسي سندس مڙس ابراهيم ڪنڀار سان گڏ احتجاج ڪندي چيو آهي ته مون بدين جي رهواسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين: ڪراچي واسي ناري ۽ نوجوان پاران تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دڙو ۾ جسقم پاران سماجي اڳواڻ سنڌو نواز گهانگهرو ۽ ٻين جي گرفتاري خلاف احتجاج

جسقم اڳواڻ انور ملاح، ڪامريڊ شوڪت سومرو، فياض ميمڻ، اشرف سولنگي پاران احتجاج ڪيو

دهشتگردي جو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پڄاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

سنڌ جي بهادر نياڻي سنڌو نواز گهانگهرو ۽ ٻين مٿان سخت تشدد ڪري سندن تذليل ڪئي: مظاهرين

دڙو(ن سنڌ يار) دڙو ۾ جسقم پاران سماجي اڳواڻ سنڌو نواز گهانگهرو ۽ ٻين جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو. ڪنڌيارو پوليس جي وحشياڻي تشدد خلاف نعريبازي. دڙو ۾ جسقم اڳواڻ انور ملاح، ڪامريڊ شوڪت سومرو، فياض ميمڻ، اشرف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سپريم ڪورٽ پاران چوندون ڪرائڻ جي فيصلي تي اڳواڻن پاران خوشي جو اظهار

ٺٽو (رپورٽر) انصاف يوٿ ڪائونسل پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر اعجاز نوناري، جنرل سيڪريٽري حميد راجپوت سينيئر نائب صدر حنيف راجپوت ۽ نائب صدر جاويد لطيف ميمڻ هڪ بيان ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاران پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ 90 ڏينهن اندر چوندون ڪرائڻ جي فيصلي تي خوشي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دڙو: جسقم ڪارڪن سنڌو نواز گهانگهرو جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپور مهر ويجهو ڳوٺ پناڻ مهر جو رهواسي نوجوان ڇيپاٽجي فوت

20 سالن جو ساجد مهر پٽ محمد بچل مهر ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي ويو

نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو، وارثن کي بيهوشي جا دورا

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپور مهر ويجهو ڳوٺ پناڻ مهر جو رهواسي نوجوان ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي ڇيپاٽجي فوت .خبرموجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ پناڻ مهر جو رهواسي 20 سالن جو ساجد مهر پٽ محمد بچل مهر ٽريڪٽر ٽرالي تان اچانڪ ڪرڻ سبب ڇيپاٽجي فوت ٿي ويو، وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان مٽي سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي تي ويٺلو هو ته اچانڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪنڌيارو ۾ سنڌ يوٿ ايڪشن ڪاميٽي جي چيئرپرسن جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس ايڇ او قربان ڪلوڙ ۽ ڪنڌيارو پوليس پاران تشدد ۽ مٿن ڪوڙيون ايف آءِ آر ڪيس خلاف احتجاج

مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران ريلي ڪڍي مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڌارين آبادڪاري کي ڇڏي سنڌ پوليس ڌرتي ڌڻين مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي: مظاهرين جو الزام

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ڪنڌيارو اندر سنڌ يوٿ ايڪشن ڪاميٽي جي چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگرو حمزعلي چانڊيو ۽ ٻين قومي ڪارڪنن جي پرامن احتجاج مٿان ايس ايڇ او قربان ڪلوڙ ۽ ڪنڌيارو پوليس پاران تشدد ۽ مٿن ڪوڙيون ايف آءِ آر ڪاٽڻ خلاف اڄ سنڌ يوٿ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران ريلي ڪڍي مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڌيارو: سنڌو نواز گهانگرو جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ضلعي گهوٽڪي پاران ماڙي پيٽروليم ڪمپني جي پراڊڪشن بونس مان مشينري توڙي اوزار فراهم

گهوٽڪي (رپورٽر) ضلعي انتظاميه گهوٽڪي پاران ماڙي پيٽروليم ڪمپني جي پراڊڪشن بونس ۽ سوشل ويلفيئر فنڊ مان صحت کاتي ۽ پي پي ايڇ آئي کي مختلف اسپتالن ۽ بي ايڇ يوز لاءِ 2 ايمبولينسون ۽ علاج معالجي لاءِ ضروري مشينري توڙي اوزار فراهم ڪيا ويا، سرڪٽ هائوس گهوٽڪي ۾ پروقار تقريب منعقد ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي جي سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي، وارداتون ٿيڻ لڳيون

جمالي ڳوٺ، لاسي ڳوٺ، ايوب ڳوٺ، غريب آباد، مڇر ڪالوني ۾ بدامني جو راڪاس

ٻاٽرن ٽائون جي مختلف علائقن ۾ سرعام منشيات ۽ فحاشي جا اڏا ٺاهي رکيا آهن

سهراب ڳوٺ جي ايوب ڳوٺ چوڪي ۾ ڏوهارين کي پڪڙڻ ۽ ڇڏڻ جو مرڪز بڻيل آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي اوير ضلعي سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي، سهراب ڳوٺ ٽائون امن وامان ڪرائڻ ۾ ناڪام روزاني جي بنياد تي وارداتون ٿيڻ لڳيون آهن. هاڻي ته وارادت مهل ماڻهن کي قتل ڪيو پيو وڃي. ذريعي موجب سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ پرائيويٽ پيٽر رشيد ميراڻي ۽ اعجاز مزاري کي علائقي جو مالڪ بڻائي رکيو آهي، سهراب ڳوٺ ٽائون جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ايس يو پي جو معاشي بدحالي ڪرپشن مهانگائي بدامني خلاف احتجاجي مارچ قاضي احمد پهتو

خدا بخش ٿيٻو جي قيادت ۾ سکر کان ڪراچي لاءِ نڪتل قافلو 15 ڏينهن آمري قاضي احمد پهچي ويو

شاه حيدر ايجوڪيشن سوسائٽي جي سرواڻ ڊاڪٽر ضياء شاه جونيئر جي اير سيد علي نواز ڪنير استقبال ڪيو

پيپلز پارٽي سنڌ لاءِ ڪينسر جي مرض جيان ناسور بڻجي وئي آهي جنهن کي جڙ کان ختم ڪرڻو پوندو: سيد زين شاه

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) ايس يو پي جو معاشي بدحالي ڪرپشن مهانگائي بدمني خراب حڪمراني ڊجيٽل آدمشماري خلاف سيد زين شاه روشن علي ٻرڙو جگديش آهوجا امير آزاد پهنور خدا بخش ٿيٻو جي قيادت ۾ سکر کان ڪراچي لا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مانجهند: ايس يو پي پاران مهانگائي خلاف نڪتل احتجاجي مارچ جو ڏيک

گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول ٺٽون ديرو جي پرنسپل پاران وڻڪاري مهم

ٺٽون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٽو) گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول ٺٽون ديرو جي پرنسپل سائين خلل احمد پٽو جي زير نگراني هيٺ اسڪول ۾ هڪ بهترين قدم کنيون ويو آهي اسڪول جي ماحول کي بهتر بنائڻ لاءِ وڻ پوکيا ويا جنهن ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن ڀرپور نموني حصو ورتو ان موقعي تي پرنسپال سائين خليل احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن جي گرفتارين خلاف بدين ۾ احتجاج

سنڌو نواز، احمر چانڊيو ۽ سرمد آزاد جي اڳواڻي ۾ احتجاج تي تشدد خلاف احتجاج

ڊاڪٽر يوسف خاصخيلي نصرالله پرهڙي عبداللطيف جت جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

پرامن مظاهري تي تشدد ڪندڙ ايس ايڇ او تي قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي: مظاهرين جو مطالبو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي جي وايس چيئر پرسن سنڌو نواز گهانگهرو جي گرفتاري ۽ تشدد خلاف بدين ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويوخبر موجب سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي جي وا يس چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگهرو احمر چانڊيو ۽ سرمد آزاد جي اڳواڻي ۾ ڪنڌيارو ۾ پرامن مظاهرو ڪرڻ تي بد مست پوليس طرفان مظاهرين تي تشدد جي ڪاروايي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سي آئي اي پوليس سنهجوري ۾ ڪارروائي ڪري 3 منشيات فروش گرفتار ڪري ورتا

6 مڻ 10 ڪلو چرس بغير لائسنس هٿيار ۽ 4 عدد مختلف گاڏيون هٿ ڪيون ويون

هڪ سرڪاري ويگو گاڏي هٿ ڪئي آهي، گرفتار ٿيلن کان جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

منشيات فروشن عبدالخالق ڪاڪر ڪاشف پناڻ ذيتون ساڪن وزيرستان جي خلاف ڪيس داخل

سانگهڙ (رپورٽ:نادر بزدي) سانگهڙ سي آئي اي پوليس سنهجورو ۾ ڪاروائي ڪري ٽن منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي داعوا ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار ٿيل منشيات فروشن جي قبضي مان ڇه مڻ 10 ڪلو چرس بغير لائسنس هٿيار ۽ 4 عدد مختلف گاڏين جون نمبر پليٽز 2 عدد جا گاڏين جي ڪاغزن سميت هڪ سرڪاري ويگو گاڏي هٿ ڪئي آهي هوڏانهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سانگهڙ: سي آئي اي پوليس جي ڪاروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار حراست ۾ بيٺل آهن

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان پاران ملڪ اندر جاري پهرين ڊجيٽل آدمشماري جو افتتاح

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر ڀٽي پاران ملڪ اندر جاري پهرين ڊجيٽل آدمشماري جو افتتاح ڊي سي سيڪريٽريٽ ۾ موجود ڊي سي هائوس تي نمبر لڳائي ڪري ڇڏيو ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ پهرين ڀيرو ڊجيٽل گهر ۽ آدم شماري ڪئي پئي وڃي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي پاران احتجاجي مظاهرو

مطالبن جي مڃتا لاءِ ٻئي ڏينهن به پريس ڪلب اڳيان امتياز لنڊ، عنايت علي پاران مظاهرو ڪيو ويو

اياز احمد ٿيٻو، صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو

گذريل 9 مهينن کان ڊيوٽيون ڪندڙ استادن کي پگهارون نه مليون آهن، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين جون دانهون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي دادو جي اڳواڻن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ ٻئي ڏينهن به پريس ڪلب اڳيان امتياز لنڊ، عنايت علي جمالي ساجد مستوئي، امان الله هنگورو، الهجايو ميٽلو، محمد وسيم کوکر، جهنڊو خان ٻبر، اياز احمد ٿيٻو، صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 02 مارچ 2023ع

ڇا بحران ختم ٿيڻ جي اميد ڪجي؟

ملڪ جو سياسي بحران وڌندو وڃي ادارن تائين پهتو آهي جنهن ڪري لڳي ٿو هر ادارو ٻئي اداري جي سامهون ٿي بيٺو آهي. ايستائين جو ادارن اندر به تقسيم واضح نظر اچي رهي آهي. جيڪڏهن اهو بحران هتي ختم نه ٿيو ته انهي جا وڏيڪ خطرناڪ نتيجا نڪرندا. سياسي بحران جي ڪري ملڪ معاشي بحران ۾ ڦاسي چڪو آهي ۽ نظام ۾ تقسيم سبب آئيني بحران جو به هر وقت خطرو رهي ٿو. انهي ڪان وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه ڪهڙي ٿيندي جو سپريم ڪورٽ جي جج صاحبان ۾ به تقسيم واضح نظر اچي رهي آهي جنهن اداري مان اميد ڪئي پئي وئي ته اتان ئي انهي بحران جو حل نڪرندي نظر ايندو. جڏهن سياسي معاملا ڌريون پاڻ ۾ طئي نه ڪري سگهيون ته اهي عدالت ڏانهن ڏسڻ لڳيون پر عدليا به انهي معاملي تي ورهايل نظر آئي ۽ پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن جو معاملو ڏسڻ لاءِ جوڙيل بينچ به ٽٽي وئي پر ان هوندي به باقي بچيل پنج رڪني بينچ پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن جي حوالي سان پاڻمرادو نوٽيس جي شنوائي ڪري فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو.جيڪا به صورتحال هئي يا جيڪو به بحران نظر اچي رهيو آهي اميد ڪجي ٿي ته انهي فيصلي سان اهو بحران ختم ٿيندو ته جيئن نظام اڳتي وڌڻ شروع ڪري جيڪو مختلف بحرانن سبب ڄڻ ته مفلوج بڻجي ويو آهي.

هن بحران جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو نظر اچي رهيو آهي ته سياسي ڌريون پاڻ ۾ ويهي معاملا پارليامينٽ ۾ طئي ڪرڻ بدران اڪثر سياسي ڪيس عدالتن ۾ کڻي وڃن ٿيون جنهن ڪري عدالتن تي به اضافي بار پئجي رهيو آهي ته سياسي ڪيسن جا فيصلا ڪرڻ سبب انهن تي تنقيد به ٿيندي رهي ٿي. جيڪا ڌر رليف ملندي محسوس نه ٿي ڪري ته اها عدالتن تي الزام لڳائي ٿي ڇڏي. ملڪ هن وقت اهڙي بحران ۾ ڦاسي پيو آهي جتي ٻه صوبائي اسيمبليون وجود ئي نه ٿيون رکن. اتي نگران حڪومتون قائم ٿيل آهن جڏهن ته قومي اسيمبلي مان مخالف ڌر جي استعيفائن جي رولڙي سبب اتي به مخالف ڌر ڄڻ موجود ئي ناهي ۽ استعيفائون ڏيڻ وارا وري واپس اچڻ به چاهين ٿا جنهن لاءِ اهو معاملو به ڪورٽ ۾ ئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪهڙي نموني سان نظام اڳتي وڌي سگهي ٿو. جيڪڏهن ٻن صوبن ۾ آئين جي گهرج مطابق نوي ڏينهن ۾ چونڊون ڪرايون وڃن ٿيون ته اتي جيڪي اسيمبليون اينديون انهن جو مدو پنج سال هوندو يا اهي وري ايندڙ عام چونڊن لاءِ ٽوڙيون وينديون. ڇاڪاڻ ته آئين ۾ ته واضح آهي ته جڏهن عام چونڊون ٿينديون ان وقت نگران حڪومتون قائم ڪيون وينديون ۽ جيڪڏهن اتي ڪٽيندڙ پارٽين جي حڪومت هوندي ته ڇا اهي عام چونڊن تي اثرانداز نه ٿينديون. اهي اهڙا سوال آهن جيڪي بحران ڪي حل ڪرائڻ ۾ مدد بدران منجهائي رهيا آهن جنهن جو هن وقت تائين ڪنهن وٽ به ڪو جواب ناهي جنهن ڪري ئي سپريم ڪورٽ پاڻمرادو نوٽيس ورتو ۽ ان جي شنوائي ڪري فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته هن سياسي ۽ آئيني بحران مان نڪرڻ ۾ سپريم ڪورٽ ئي مدد ڪري سگهي ٿي جيڪا آئين جي تشريح ڪرڻ جي ذميوار آهي جنهن سان ئي نظام واپس پٽڙي تي اچي سگهي ٿو پر ان سان گڏ سياسي ڌرين جو به فرض آهي ته اهي پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ آئين کي اورانگهڻ کان پاسو ڪن ۽ جيڪڏهن سياسي معاملن تي پاڻ ۾ ويهي مشورو ڪري حل ڪين ها ته ان کان وڌيڪ بهتر رستو ئي نه هو. جنهن جو اظهار سپريم ڪورٽ به ڪيو آهي ته سياسي ڌريون پاڻ ۾ ويهي مشاورت ڪن. باقي هاڻي ڳالهه سپريم ڪورٽ تي پهتي آهي ۽ اتان جيڪو به فيصلو ايندو اهو سيني ڌرين کي قبول ڪرڻو پوندو پوءِ اهو فيصلو ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي ۽ اميد ڪري سگهجي ٿي ته سپريم ڪورٽ جو فيصلو بحران ٽارڻ ۾ مددگار ٿيندو.

ڊجيٽل آدمشماري يا ڊجيٽل ون يونٽ؟

ممتاز منگي

اڄ پهرين مارچ 2023ع سنڌ جي تاريخ جو اهو ڏينهن ياد رکيو ويندو جنهن ڏينهن تي سنڌ جي منتخب حڪومت سنڌي قوم جي مٿان ڊجيٽل آدمشماري جي ڳڻپ ۾ غيرقانوني آبادي جي لوڏ کي پنهنجي آدمشماري ڳڻپ ۾ شامل ڪري ڪين ڊجيٽل رجسٽريشن ڪري رهي آهي. هن سرڪار جو ڪمال رڳو هي ناهي ته هن سرڪار هتي ماڻهن کي ڳڻپ جو معاملو انگن اکرن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر هتي آيل غير قانوني لکن جي تعداد ۾ ٻاهرين قومن جا ماڻهو جن ۾ افغاني، بنگالي، برمي ۽ پانت پانت جا ماڻهو شامل آهن انهن کي اهڙي انداز سان پنهنجي آدمشماري ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي جو انهن جي لاءِ شناختي ڪارڊ جو شرط به ختم ڪيو ويو آهي هن وقت تائين سنڌ دوست ڌرين جي دانهن باوجود سرڪار جي ڪن تي ڪا جوءِ نٿي چري ها البت سنڌ سرڪار جا چالاڪ ترجمان ۽ جديد دور جا پاڻ کي بيربل سمجهندڙ نام نهاد دانشور وڏي معصوميت ۽ سادگي سان سيمينار يا ميڊيا ۾ پنهنجي محدود خدشن جو اظهار ڪندي اگر ڪپائي شهيدن ۾ شامل پيا ٿين بلڪل ايئن جيئن روئڻ ۾ هو سنڌ دوست ڌرين سان گڏ ۽ ڪائڻ ۾ سنڌ سرڪار ۽ ٻين قوتن سان نٽ ڪندي نظر پيا اچن. ڪمال رڳو اهو ناهي ته غير قانوني رهندڙن کي پنهنجي آدمشماري ۾ شامل ڪيو پيو وڃي پر سنڌ سرڪار جي جهيتي سنڌ جي پ پ پ جي صدر نثار کهڙي ته هي به اعلان ڪري ڇڏيو آهي "جيڪو ٽي مهينا يا ان کان وڌيڪ عرصو سنڌ ۾ رهي ٿو انهيءَ کي هتي ووٽ ڏيڻ جو به حق ڏنو ويندو." اسان کي هي ٺيڪ طرح سان ڄاڻ آهي ته موجوده آدمشماري 2017ع کان پوءِ 2027ع ۾ ٿيڻ گهربي هئي عمران دور حڪومت جي سي سي آئي اجلاس ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو هو ته 2022ع ۾ نئين آدمشماري ڪئي ويندي جيڪا اصولن 2027ع ۾ ٿيڻي آهي وري جڏهن سوني تي سهاڳو هي ٿيو جو عمران جي حڪومت کي بي اعتمادي جي رٽ سان هٽائڻ کان پوءِ ايم ڪيو ايم جي حمايت ڪرڻ سان

هڪ ڪمزور حڪومت ۾ متحده دادلي ٻڻجي وئي ۽ پوءِ انهن جيڪي ماڻا ٽاڻا ڪري جيڪي من ماني ڪندي جيڪي شرط اقتدار جي لالي پاپ عيوض مڃرائي رهي آهي سنڌ حڪومت ۽ وفاقي سرڪار سڀ انهن جا شرط مڃيندي نظر پيا اچن ۽ هي ڪارڊ ختم ڪرڻ جو شرط به متحده جي طرفان ئي رکيو ويو هو جيڪو بعد ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ هي دور يا اڄ جو ڏينهن 30 سيپٽمبر 1955ع واري ڏينهن جيان هڪ آفت ۽ طوق طور ياد ڪيو ويندو جڏهن سنڌ جي مٿان ون يونٽ مڙهيو ويو هو 1950ع جي ڍاڪي ۾ صورتحال سنڌ جي ٽوپو گرافي جي ابڙي بدتر نه هئي جهڙي هاڻي آهي. ان وقت جي وفاقي سرڪار ون يونٽ جو طوق اسان جي ڳچي ۾ ان ڪري وڌو هو جو هو بنگال جي وڏي آبادي کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي لاءِ ۽ ان سان گڏوگڏ صوبائي خودمختياري جي تحريڪن کي ڪچلڻ جي لاءِ هڪ بيحد آمراڻي چال هلي هئي سنڌ جي سياستدانن پهريان ته نٽايو پر پوءِ اقتدار جي ديوي اڳيان سيني سجدو ڪيو ۽ هي ذلت آميز ون يونٽ پنهنجي مٿان مڙهيو. جنهن ۾ سنڌ پنهنجي سڃاڻ ٻولي ۽ حقِ جاگرافي سان گڏوگڏ سياسي ۽ معاشي حق

وڃائيندي محسوس ڪيو هو ۽ پوءِ سنڌ سراپا احتجاج ٿي ٻين مظلومن قومن به ون يونٽ کي هڪ فاشي قانون ڪري سڏيو هو ليڪن ان وقت سنڌ جي آبادي ۾ ڌارين جو انگ ايترو ڪو نه هو سواءِ لڏي آيل هندستانين جي جن کي مهاجر سڏيو ٿي ويو. ليڪن 1971ع جي صورتحال کان پوءِ حالتون سنڌ جي خلاف ٿينديون ويون. بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ سان لکين بهاري هن ملڪ ڏي اچڻ شروع ٿيا ۽ 90 سيڪڙو انهن جي آبادي سنڌ ۾ آباد ٿي افغان ثور انقلاب کان پوءِ تمام گهڻا افغاني جيڪي سرڪاري انگن اکرن مطابق پهريان 16 لک ٻڌايا ٿي ويا حقيقت ۾ اهو تعداد ٻيڻ ٿي هو چو ته هن ملڪ جي اندر ادارن جي حالت جي پاڻ کي پوري طرح سان ڄاڻ آهي ته هو پنهنجو ڪم ڳڻپ يا انگ اکر ڪهڙي انداز ۾ ظاهر ڪندا آهن. سنڌين جي ڪروڙ کي سامهون رکي وفاقي سرڪار يا سنڌ سرڪار هر

وقت اهائي ڪوشش ڪئي آهي ته ڌاري آبادي جا انگ اکر گهٽ ڪري ڏيکاريا وڃن پر زميني حقيقتون سنڌي عوام جي اڳيان آهن ڪراچي کان ڪشمور تائين ڌارين جون لوڏون ڪيئن پيون من موجيون ڪن ۽ مستيون ڪن. 73 جي آئين ۾ هن ملڪ جو ڪٿان جو به شهري ڪٿي به ڪنهن شهر ۾ رهڻ ۽ ملڪيت وٺڻ جو حق رکي ٿو ليڪن سنڌ جي صورتحال اها آهي ته هتي انهن به ملڪيتون ورتيون جن کي هتان جو سڃاڻپ ڪارڊ به نه هو. لکين افغانين برمين ۽ بنگالين هتي ملڪيتون خريد ڪرڻ شروع ڪيون ۽ اسان جي نادرا جي جادوگرن ڪمال جهلڪ تي انهن کي شناختي ڪارڊ ناهي ڪري گهر پهچايا. ڪيڏي نه واويلا ٿي وٽ پڪڙ ٿي مجال آهي جو ڪو ماڻهو گرفتار ٿيو هجي يا ڪنهن کي سزا آئي هجي يا ڪنهن به هڪ غير قانوني رهندڙ کي سنڌ بدر ڪيو هجي. سنڌي ميڊيا ۽ سنڌ دوست ڌرين جو آواز وقت گذرڻ سان پراڻو ۽ ڪمزور ٿيندو پيو وڃي ۽ سنڌ حڪومت جا پير مير پوٽار پنهنجي سياست ۽ اقتدار کي بي خوفي سان هلائيندي سڀ ڪجهه اهو پيا ڪن جنهن سان انهن جي لاءِ ڪو به مسئلو پيدا نه ٿئي. هاڻي هي سمجهه ۾ ڪنهن کي نٿو اچي ته توهان پلي آدمشماري ڪرايو ڪهڙي به آدمشماري ڊجيٽل يا سادي ليڪن انهيءَ ۾ اصلي رهاڪن جو خانو ۽ ڌاري آبادي جو خانو الڳ هجڻ گهرجي جيڪو ڪرڻ جي لاءِ هي تيار ناهن. جنهن جو مطلب صاف ۽ چٽو هي آهي ته هو سيني کي برابري جا حق ڏئي ۽ لکن جي تعداد ۾ رهندڙ ماڻهن کي اڄ سڏي طرح سان نه پر سڏي طرح سان ڊجيٽل رجسٽريشن ڪندي انهن کي اهو حق پيا ڏين ته هو هتان جا رهندڙ شهري آهن. انهيءَ ڪري هي حڪمران انهن غير قانونين رهندڙن کي ووٽ جو حق به ڏين ٿا. هاڻي جڏهن انهن کي رهائش ۽ ووٽ جو حق ملي ويو ته پوءِ صاف ۽ چٽو انهن لاءِ هي رستو نڪري ٿو ته هو هتان جا پڪا پختا شهري آهن جن جو معاشي حق به تسليم ڪيو ويو آهي ته انهن جو سياسي حق به تسليم ڪيو وڃي ٿو انهن کي جڏهن ووٽ جو حق ملي ٿو ته هو اليڪشن ۾ به بيهي سگهن ٿا. اسان کي انهن جي رهائش تي جيڪڏهن ڪو اعتراض آهي ته اهو ناهي ته هو انساني المين جو شڪار ٿي هتي پناهه نه وٺن پلي پاڻ بک ۾ مرون رهڻ جي سوڙهه سنگهوڙ ٿئي پر انسانيت جو دامن نه ڇڏينداسين ليڪن معاملو هن کان اڳتي هي آهي ته

گهڻ قومي رياستن جي اندر مظلوم قومون هڪ ته پهريان ئي معاشي ۽ سياسي حقن کان محروم هونديون آهن ٻيو فاشيائا سياسي رويا ۽ حق خود اختياري جي تحريڪن کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ غير جمهوري ۽ جابر قوتون نسل پرستي ۽ تعصب پرستي کي هوا ڏيندي هتي خطرناڪ صورتحال پيدا ڪندا رهيا آهن ۽ پيدا ڪندا رهندا. انهي سان گڏوگڏ هي به تاريخ جي هڪ اذيتناڪ حقيقت آهي ته غير قانوني آباد ٿيندڙ جن کي سيٽلر چيو ويندو آهي اهي پوري انساني تاريخ ۾ جتي جتي آباد ٿيا آهن انهن جو رويو اتان جي اصل آبادي ڏانهن دشمني وارو رهيو آهي يعني جيڪڏهن اسان ڏسنداسين ته ڪٿي به تعصبي رويو اصل آبادي وارن کان شروع ناهي ٿيندو پر سيٽلرز کان تعصبي رويو شروع ٿيندو آهي جيئن سائوٿ آفريڪا ۾ گورن کان نفرت ڪارن نه ڪئي هئي پر گورن اتان جي اصل رهندڙن يعني ڪاري آبادي کان انتهائي فاشيائي رويي سان نفرت ڪئي ساڳئي طرح فلسطين جي اندر يهودي آبادي فلسطين کان نفرت ڪئي فلسطينين انهن کان نفرت نه ڪئي هئي (يهودين رڳو نفرت نه ڪئي پر حضرت موسيٰ کان مائگريشن جي حق کي تاريخي چوندي فلسطين جي سرزمين کي صرف ۽ صرف پنهنجو ملڪ چيو ۽ اها تاريخ جي عجيب فاشي تشريح آهي) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي آيلن رڳو سنڌ سان نسلي تعصب نه ڪيو آهي پر بنگال سان جيڪو ٿيو ان جو هي نتيجو آهي ته بهاري شهري حقن کان محروم ڪيمپن ۾ رهن ٿا پاڻ انهن جي ڪردار ۽ تاريخ مان واقف آهيون ورجاءَ نٿا ڪريون پر هي تاريخي حقيقت آهي ته اڪثر سيٽلرز جو رويو تڪبري هجڻ سان گڏوگڏ منظم به هوندو آهي چو ته هو پنهنجو پاڻ کي هر وقت غير محفوظ سمجهندا آهن. ڪجهه وقت اڳ ۾ افغانين پنهنجي فاشائي حرڪتن جو جيڪو مظاهرو ڪيو افغانستان جا جهنڊا جهولائي ڪيو ان جي ته پاڻ کي ٺيڪ طرح سان ڄاڻ آهي پر هن ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جنهن پنهنجو سڄو آبادي جو توازن وڃائي ڇڏيو آهي سنڌ جا سياستدان گهڻو ڪري اقتدار پرست ٽولا جن کي سنڌ جي وسيلن سان ته لڳاءُ آهي پر پنهنجي قوم ٻولي ۽ تاريخ سان ڪو به لڳاءُ رکڻ پنهنجي بي عزتي سمجهندا آهن هو پاڻ کي آمريڪي، برطانوي، فرينچ ۽ يورپين جا شهري تصور ڪندا آهن هنن جي لاءِ سنڌ کان وڌيڪ سڪون دبئي ۾ آهي انهن جو مسئلو اهو ناهي ته سنڌ جي ٽوپو گرافي بدلجندي سنڌي عوام جي سياسي ۽ معاشي حقن کي ڪيئن ۽ ڪيترو برباد ڪندي ۽ نه وري ڳڻتي گهڻي متحده جي پائي لوڪن کي آهي چو ته اهي به هاڻي دولت ڪمائڻ کي اهميت ڏين ٿا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پنهنجا آکيرا ٺاهڻ شروع ڪيا آهن نسل پرستي جي سياست هنن جي سياسي ڏنڌي جو هٿيار آهي اصل مسئلو سنڌي عوام ۽ هتان جي مستقل رهندڙ ماڻهن جو آهي. هي ڊجيٽل آدمشماري حڪمرانن جي لاءِ اين ايف سي ايوارڊ جي لالچ ۽ ڌارين جي همدردي حاصل ڪري ووٽ حاصل ڪرڻ آهي پر سنڌ جي لاءِ هي ڊجيٽل آدمشماري نئون ڊجيٽل ون يونٽ ثابت ٿيندو جنهن ۾ اسان سنڌ ۾ رهندي سنڌي نه رهنداسين ۽ پنهنجي سياسي معاشي ۽ تاريخي حق کان محروم ٿي وينداسين

تهڙا چالِيها نه چالِيءَ، جهڙوپسڻ پرينءَ جو؛
ڪهڙي ڪاتِبَ! ڳڙيون، مٿي پنن پِيهءَ؛
جي ورق وارين ويءَ، ته اڪر اُهوئِي هيڪڙو.

سماج، نياڻي ۽ حق

مهر فقير

دنيا وسيع آهي ۽ دنيا جي انهيءَ وسعت ۾ انيڪ مسئلا، لاتعداد ڳنڀيرتائون، اڻڪٿ ڪٿائون، نه ڪٿندڙ سوال ۽ نه ملندڙ جواب موجود آهن پر پوءِ به انسان جي جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪڏهن به ساهي نه ڪئي آهي، ڪڏهن به ڪنهن جستجو ڪندڙ ٽڪجي ڪري پٽ ورائي پوئتي موٽ ناهي کاڌي اهوئي سبب آهي جو انسان زمين کان اٿي ڪري چنڊ تي پهچي اهو ثابت ڪيو آهي ته جن کي منزل سان عشق هوندو آهي تن کي رستي جا ڪنڊا، ڪوڪا ۽ ڪاوا ڪڏهن به ڪجه به ناهن ڪري سگهندا چو ته مهر فقير سدائين سچ چوندي اهو به چوندو آهي ته جيڪڏهن پنهل کي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان کي سسئي بڻجو پوندو، ها بيشڪ سسئيءَ وانگر ڪشالا ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي پر هتي اسان جي سماج ۾ نياڻي کي پنهنجي مرضي سان جيئڻ جو حق ڇو نٿو ڏنو وڃي؟

مٿين عنوان جي جواب ۾ جيڪڏهن لکبو ته گهڻو ڪجهه ئي لکبو پر جي نه لکبو ته پوءِ ڪجهه به نه لکبو تنهن ڪري ڪوشش ڪبي ته جواب لکجي چو ته نه لکڻ اصل ۾ سوال ۽ ان ۾ لڪل حقيقتن کي پٺي ڏئي انڪار ڪري حق ۽ سچ جو قتل ڪرڻ جهڙو گناهه ڪبو سو حق ۽ سچ کي مارڻ به ايئن آهي جيئن ڪنهن معصوم جي جيون کي صليب تي ٽنگي ڇڏڻ.

مرضي ۽ حق ڏاڍا گهرا موضوع آهن سو انهن تي لکڻ ڪجهه ڏکيو عمل آهي. والدين اهي امير هجن خواهه غريب هجن سي سدائين پنهنجي اولاد کي سکيو ڏسڻ چاهيندا آهن هو چاهيندا آهن ته هنن جو اولاد ڪڏهن به مايوس ۽ محروم نه رهي ۽ هو ڪوشش ڪندا آهن ته اولاد کي تعليم جي زيور سان منور ۽ مالامال ڪري مڃي ماني لائق بڻائجي پر اولاد ۾ نياڻي پٽ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حساس ۽ ڪومل ٿيندي آهي ۽ ڪيس والدين جي گهر ۾ مهمان چيو ويندو آهي چو ته هوءَ پرڻجي ڪري مڙس جي گهر هلي ويندي آهي سو جيڪي والدين پنهنجي نياڻي کي سندس جو جائز حق نٿا ڏين سي اسلامي قانوني ۽ اخلاقي طور تي غلط آهن پر اهو به هڪ ڪڙو سچ آهي ته جتي جنهن معاشري منجهه آزادي کي آزاد ڇڏيو ويندو آهي ته اتي ڇڙواڳي جنم وٺندي آهي اهو ئي سبب آهي ته انسان کي پابندي سان ۽ پنهنجن جائز حقن جي روشني ۾ زندگي گهارڻ کپي اسان جي هن سماج ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا ميڊيا تي چاليل رهيا آهن جن خاص ڪري والدين جو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو آهي چو ته انهن جي نياڻين پابندي بجاءِ آزادي کي ترجيح ڏئي مقدس رشتن جي روح جو قتل ڪيو جيڪو پڻ هڪ مذمت جوڳو عمل آهي چو ته ڪي به والدين ناهن چاهيندا ته هنن جي نياڻي پنهنجي مرضي سان نڪري پيار جو پرڻو ڪري يا ڪورٽن ۾ هنن کي ذليل وخوار ڪندي رهي انهيءَ ڪري ئي نياڻين کي به گهرجي ته هو اهڙي آزادي بجاءِ پابند رهڻ جو مظاهرو ڪندي والدين جي ڳاٽ کي اوچو رکن هونئن به جيتري عزت پابندي ۾ آهي ايتري عزت آزادي ۾ ناهي.

مان ڪنهن به ريت نياڻي جي آزادي يا ڪيس حق ڏيڻ جو مخالف ڪونهيان ها پر ايترو ضرور چوندس ته جيڪي نياڻيون چون ٿيون ته انهن کي هنن جا والدين يا معاشرو آزادي جو حق نٿو ڏئي سي نياڻين کي انهن جا حق ڏين انهن کي آزادي به ڏين پر اها آزادي اهڙي نه هجي جو اهي رستن تي بينر کڻي چون ته ميرا جسم ميري مرضي ها مگر جيڪي نياڻيون آزادي جون طلبگار آهن ته انهن کي گهرجي ته اهي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ پابند رهي ڪري جيون گذارن باقي جيڪو سماج يا جيڪي والدين نياڻين کي جائز حقن کان محروم رکن ٿا ته انهن کي گهرجي ته هو نياڻين کي اهي گهربل حق ڏئي احساس محرومي جو خاتمو يقيني بڻائن ته جيئن معاشري ۾ ڪا به نياڻي ڏانهن نه ڪري ته هن سان ڪا ناانصافي ٿي رهي آهي.

دنيا وسيع آهي ۽ دنيا جي انهيءَ وسعت ۾ انيڪ مسئلا، لاتعداد ڳنڀيرتائون، اڻڪٿ ڪٿائون، نه ڪٿندڙ سوال ۽ نه ملندڙ جواب موجود آهن پر پوءِ به انسان جي جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪڏهن به ساهي نه ڪئي آهي، ڪڏهن به ڪنهن جستجو ڪندڙ ٽڪجي ڪري پٽ ورائي پوئتي موٽ ناهي کاڌي اهوئي سبب آهي جو انسان زمين کان اٿي ڪري چنڊ تي پهچي اهو ثابت ڪيو آهي ته جن کي منزل سان عشق هوندو آهي تن کي رستي جا ڪنڊا، ڪوڪا ۽ ڪاوا ڪڏهن به ڪجه به ناهن ڪري سگهندا چو ته مهر فقير سدائين سچ چوندي اهو به چوندو آهي ته جيڪڏهن پنهل کي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان کي سسئي بڻجو پوندو،

بقايا 01 ***

نوٽيس نٿو بڻجي. هن اها ڳالهه پيپلز پنڪ بس سروس جي افتتاح جي موقعي تي صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي ڪئي. هن چيو ته ڇا سپريم ڪورٽ ۾ ان کان به وڏا ڪيس التوا ۾ نه آهن؟ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي عدالتي قتل جو ڪيس اڃا التوا ۾ آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قتل ڪيس جي ريفرنس لاءِ عدالت وٽ وقت ناهي. هڪ ملڪ ۾ ٻه قانون ڪيستائين هلندا، لاڏلي لاءِ عدالتون رات جو کوليون وينديون آهن. ڇا ملڪ ۾ آئين ٿي هلندو رهنديون؟ هي لاڏلازم ڪيستائين جاري رهندو؟ هن چيو ته لاڏلازم ملڪ ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي. لاڏلازم ملڪ لاءِ خطرو بڻجي رهيو آهي. هن چيو ته هر پارٽي چونڊن لاءِ تيار آهي پر اها ضمانت ڪير ڏيندو ته عمران خان نئين چونڊن جا نتيجا قبول ڪندو؟ هي شخص به ٽي هزار ماڻهن سان گڏ گهمي رهيو آهي. لليون ڪٺي بدمعاشيون ڪري رهيو آهي ۽ مولا جٽ بڻيل آهي. هن چيو ته عمران خان ملڪ ۾ غلط روايتون وجهي رهيو آهي. سياڻي ڪو به هزار ماڻهن کڻي عدالت اچي سگهي ٿو هن چيو ته انهن ماڻهن پوليس اهلڪارن کي لليون هنيون. هن ملڪ ۾ پهرين آئين ڪنهن ناهي ڪيو افسوس ايتري بدمعاشيءَ کان پوءِ به ڪيس رليف ملي رهيو آهي. اسان به عدالتون ۽ جيل ڀوڳيا آهن. پر اسان کي اهڙي رعايت ڪڏهن نه ناهي ملي. هن چيو ته مون کي پنهنجي پارٽي اجازت ڏئي ان کان وڌيڪ ماڻهن کي عدالت ۾ وٺي ويندس. ڇا پيپلز پارٽي ايترا ماڻهو نٿي آڻي سگهي؟ جيڪڏهن سياسي پارٽيون عدالتن جو احترام ڪنديون ته عوام به عزت ڪندو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران خان کي گرفتار ٿيڻ گهرجي. هن شخص مسلسل قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. هن چيو ته ڪنهن به قسم جي زيادتي تي احتجاج ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي، پر قانون ۽ آئين جي اندر رهي ڪري احتجاج ٿيڻ گهرجي. جيل ڀريو تحريڪ بابت پڇيل سوال تي هن چيو ته جيل ڀريو تحريڪ وارا تاريخ تي تاريخ ڏئي رهيا آهن. ته جيئن سنڌن ڳالهه ڪٿي بڻجي وڃي. هن چيو ته ڪراچي ۾ جيل ڀريو تحريڪ ۾ ڪير به ٻاهر نه آيو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران خان بدمعاشن ۽ مافيا وانگر عدالتن ۾ گهڙندو آهي. اهو عدالتن جو ڪم آهي ته ان جو نوٽيس وٺن.

بقايا 02 ***

اڃان تائين فيضياب ٿي رهيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته جنرل (ر) فيض حميد پنهنجي حوالي سان به ڪافي پريشان آهي. نوٽ: اعزاز سيد/ عمر چيما جو هي تجزيو روزاني عوامي آواز اربع 01 مارچ 2023ع ۾ شائع ٿيو

بقايا 03 ***

ڪري ڇڏيو آهي. فيصلو 13 صفحن تي ٻڌل آهي ۽ جسٽس جمال مندوخيل ۽ جسٽس منصور علي شاهه جي اختلافي نوٽ 2 صفحن تي ٻڌل آهن. سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ چونڊون 90 ڏينهن ۾ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي. سپريم ڪورٽ فيصلو ٻن جي مقابلي ۾ ٽن جي اڪثريت سان ڏنو آهي. بينچ جي اڪثريت درخواستگذارن کي رليف ڏنو آهي. ٻنهي ججز پنهنجي اختلافي نوٽ ۾ چيو ته چونڊن بابت لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو اڳ ئي موجود آهي. چونڊن بابت پاڻمرادو نوٽيس نه ٺهي ٿو. ٽن ججن جي اڪثريت سان عدالت فيصلو ٻڌايو. چيف جسٽس عمر عطا بنديال فيصلي ۾ چيو آهي ته اسيمبلي ٽٽڻ جي 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي. چيف جسٽس ٻن

ججز جا اختلافي نوٽ به پڙهي ٻڌايا. سپريم ڪورٽ طرفان جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو آهي ته گورنر ڪي پي ڪي چونڊن جو اعلان نه ڪري ذميواري کان انحراف ڪيو. گورنر ڪي پي ڪي صوبي ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري. صدر اليڪشن ڪميشن سان مشاورت ڪري پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري.

بقايا 04 ***

۽ طئي ٿيل منصوبي تحت عدالت مٿان حملو ڪيس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ جوڊيشل ڪامپليڪس تي حملو برداشت ڪرڻ جوڳو نه آهي. ڪوشش ڪنداسين ته عمران خان کي عدالتن مٿان حملي جي ڪيس ۾ گرفتار ڪريون. گهرو وزير چيو ته عمران خان جا ناز نخرا ڪنيا ويا عدليه کي اپيل ڪريون ٿا ته اوهان عمران خان کي رعايت ڏني، ان جا نخرا کنيا. ان کي وقت ڏنو هاڻ ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ان ۾ ڪو به اخلاق نه آهي نه ئي هن ۾ ڪا انسانيت آهي.

بقايا 05 ***

پاسداري سپريم ڪورٽ جي ذميواري هئي. سپريم ڪورٽ بهادري سان پنهنجو ڪردار نڀايو هن چيو ته سپريم ڪورٽ جو اڄوڪو فيصلو پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني جي تصديق آهي. عمران خان جيل ڀريو تحريڪ معطل ڪرڻ ۽ پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ چونڊ مهم شروع ڪرڻ جو به اعلان ڪيو. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 06 ***

چيو ته چونڊن تي لاهور هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏئي چڪي آهي. سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ ۾ التوا هيٺ معاملي تي پاڻمرادو نوٽيس نه ٿي وٺي سگهي. هنن جو چوڻ هو ته پشاور ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ٽن ڏينهن ۾ چونڊن جون درخواستون اڪلايون. جسٽس يحيٰ آفريدي ۽ جسٽس اطهر من الله جي اختلافي نوٽس سان اتفاق ڪيون ٿا. اختلاف نوٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو ته چونڊن بابت پاڻمرادي نوٽيس جون درخواستون رد ڪيون وڃن ٿيون

بقايا 07 ***

ناهي ۽ نه ئي اهو تشريح طلب ڪرڻ جوڳو معاملو آهي. هن چيو ته اڄوڪو فيصلو واضح آهي. ٻن ججن چيو ته جيڪو فيصلو پهرين ٻن ججن ڏنو سنڌن راءِ به اها ئي آهي. اسان جو موقف آهي ته پٽيشن چار ٽي سان رجيڪٽ ٿي وئي آهي. ان حوالي سان وڌيڪ ڪنهن راءِ جي ضرورت ناهي. سنڌس چوڻ هو ته بنيادي طور تي 7 رڪني بئنچ هئي. ٻن ججن راضاڪاراڻي طور پاڻ کي الڳ ڪري ڇڏيو هو. سڀ کان وڌيڪ قانون صدر ٽوڙيو. جنهن فيصلو ٿاڦيو ۽ ٻيو واپس وٺي ڇڏيو اعظم نذير تارڙ چيو ته ٻنهي هاءِ ڪورٽن ۾ درخواستون اڃا تائين ٻڌائي هيٺ آهن. اتي ئي تشريح ٿيندي. اسان آن رڪارڊ چئي رهيا آهيون ته ڪير به چونڊن کان نٿو ڀڄي.

بقايا 08 ***

اڳواڻ مريم نواز کي 10 مارچ تي طلب ڪري ورتو آهي عدالت مريم نواز، ايس ايڇ او ماڊل ٽائون، ايس ايس پي سکر، ڊائريڪٽر ايف آءِ اي ۽ ٻين کي 10 مارچ تي طلب ڪيو آهي وڪيل ظهير بابر موجب مريم نواز پنهنجي تقريرن ۾ ادارن جي ساک کي نقصان پهچائي رهي آهي. مريم نواز ججز ۽ پاڪ فوج سميت مختلف ادارن کي نشانو بڻايو آهي درخواستگذار وڪيل موجب مريم نواز عوام کي ادارن خلاف ڀڙڪائڻ جي

ڪوشش ڪئي آهي. عدالت مريم نواز کي طلب ڪيو آهي

بقايا 09 ***

واهپي جي شين تي سبسڊي ڏني ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته رمضان پيڪيج تحت سبسڊي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ ماڻهن لاءِ هوندي. جيڪا يوٽيلٽي اسٽورن تي فراهم ڪئي ويندي. ذريعن موجب رمضان پيڪيج تحت اٽي، گيهه، دالين، کنڊ ۽ ٻين ضروري شين تي سبسڊي ڏني ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت طرفان مهانگائي سبب عوام، خاص طور هيٺئين طبقي جي رليف لاءِ سبسڊي جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ***

ڳڻ اسان جو پوليس جو جوان به گڏ هوندو. ڊجيٽل آدمشماري تحت هر اسٽرڪچر جي ٽيگنگ ٿيندي. گهرن تي ماڻهن جي ڳڻپ جو سمورو رڪارڊ روزاني جي بنياد تي خودڪار نظام ذريعي محفوظ ڪيو ويندو. گهر گهر پهچندڙ ڳڻپ عملو پنهنجي ٽيبليٽس ۾ سافٽ ويئر ذريعي سوالن جا جواب داخل ڪندو. سنڌ جي 30 ضلعن ۾ 43 هزار 838 سينسز بلاڪس قائم ڪيا ويا آهن. سنڌ جون قومپرست پارٽيون ۽ ايم ڪيوايم پاڪستان ڊجيٽل آدمشماري تي خدشا ظاهر ڪري چڪيون آهن. هوڏانهن سنڌ ۾ شروع ٿيندڙ ڊجيٽل آدمشماري پهرين ڏينهن ئي رولڙي جو شڪار ٿي وئي، ڪيترن ئي شهرن ۾ عملي ٻاران سامان ۽ ٻيا وسيلا نه ملڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ انٽرنيٽ جي سهوليت نه هئڻ يا گهٽ اسپيڊ ۽ سگنلز جي ڪمي ته ڪرڻ جون پڻ دانهون ڪيون ويون.

بقايا 11 ***

دورو ڪيو وڃي. عدالت ٻارن ضلعن جي ججن کي حڪم، سڪرسرڪاري اسڪولن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جا تفصيل ڏنا وڃن: جسٽس صلاح الدين پنهور

بقايا 12 ***

انڊس هاءِ وي تي گشت ڪندڙ اهلڪارن جو ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو. پوليس موجب مقابلي دوران فائرنگ ۾ 2 ڌوهاري مارجي ويا. اهلڪار درمحمد بکراڻي شهيد ٿي ويو وڏي اتڳ ۾ پوليس تفري واقعي واري هنڌ پهتي. ڌوهارين ۽ پوليس ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جي ڏي وٺ جاري آهي. جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن مان هڪ ڌوهاري جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي. مارجي ويلن مان هڪ چٽي جي عبدالستار کوسو طور سڃاڻپ ٿي آهي. مقابلي دوران شهيد ٿيل اهلڪار درمحمد بکراڻي جي جنازي نماز 2 رڳي سنڌس اباڻي ڳوٺ ۾ ادا ڪئي ويندي. مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل عبدالستار کوسو جي هڪ ڏينهن اڳ گرفتار ٿيڻ واري وڊيو به سامهون اچي وئي

بقايا 13 ***

ميڊيا سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته عدالت جا واضح حڪم اچي ويا. پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ صدر ڏيندو هن چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ فوري چونڊون ڪرائڻ لاءِ گورنر کي پابند بڻايو ويو آهي. اختلاف ڪندڙ ججز به 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ واري اصول کي تسليم ڪن ٿا

بقايا 14 ***

ايف آءِ اي ذريعن موجب فرحت شهزادي کي پاڪستان آڻڻ جي لاءِ انٽرپول سان رابطي جي فيصلي تي گهرو وزارت کان اجازت گهري وئي آهي. ذريعن موجب فرحت شهزادي کي اشتهاري قرار ڏيڻ جي لاءِ عدالت مان ريڊ وارنٽ حاصل ڪيا ويندا. ذريعن موجب فرحت شهزادي خلاف اسٽيٽ بئنڪ جي هدايت تي اينٽي مني لانڊرنگ ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي سنڌس اڪائونٽس مان رڪارڊ ٽرانزيڪشن ٿي هئي.

بقايا 15 ***

مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ ڊالر 265 رپيا ٿي ويو آهي. ڪالهه انٽربئنڪ ۾ ڊالر 261 رپيا 50 پئسا تي بند ٿيو هئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 267 رپين تي برقرار آهي.

بقايا 16 ***

ٿيو اجلاس ۾ رٽائرڊ ججن ۽ جرنيلن کي ملندڙ مراعتن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو. پي اي سي جي رڪن برجيس طاهر چيو ته ملڪ ۾ ڏيڍ لک سرڪاري گاڏيون آهن. ان جو پيٽرول بند ڪيو وڃي جڏهن ته مشاهد حسين سيد چيو ته سرڪار ڪاٽن ۾ پنج لک رپين کان وڌيڪ پگهارون نه ڏنيون وڃن. سليم مانڊوي والا جو چوڻ هو ته پي ايس او جا فيول ڪارڊ مليا آهن آهي بند ڪرايو جڏهن ته شيخ روحيل اصغر چيو ته وي آءِ پي

طبقي جو گاڏيون بم پروف آهن. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کي مان پاڻ پنڌ هلندڙ ڏٺو آهي. جن وي آءِ پيز کي ڊپ لڳي ٿو اهي عهدو نه وٺن يا گهر ۾ رهن. اجلاس دوران پبلڪ اڪائونٽ ڪميٽي وي آءِ پي موومينٽ دوران ٽريفڪ کي روڪڻ کان منع ڪيو. پي اي سي چيئرمين نور عالم خان چيو ته ملڪ ٻڏي رهيو آهي جڏهن ته وي آءِ پيز هزارين ليٽر مفت تيل ۽ مونائيزڊ پاليسي انجواءِ ڪري رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته آڊٽ اختيارين ايندڙ هفتي سمورو رڪارڊ فراهم ڪن. سي ڊي اي طرفان ريڪور ڪيل پلاٽن جا تفصيل پڻ فراهم ڪيا وڃن.

بقايا 17 ***

طرف روان دوان آهي سيد زين شاهه جي اڳوائي ۾ جاري پنڌ قافلورات آمري ۾ گذارڻ بعد ڪراچي طرف روانو ٿي ويو ان موقعي تي سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته اڳ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ اين اي وڪامجندا هئا هاڻي عام ماڻهو کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي سندس چوڻ هو ته سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ متاثر اڃا تائين دربدر آهن. جدوجهد ذريعي پنهنجي قوم کي مالڪي ڏيارينداسين. سيد زين شاهه چيو ته پيپلز پارٽيءَ سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. عوام کي مهانگائي، ڪرپشن ۽ بدامني خلاف نڪرڻو پوندو

بقايا 18 ***

توانائي واري وزارت پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ٽيڪسٽائل، اسپورٽس، سرجيڪل ۽ چمڙي جي صنعتن کي سستي بجلي ڏيڻ جي اهل قرار ڏنو ويو آهي. لومز اونرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين جو چوڻ آهي ته زيڊ آر آءِ ٽيرف جو خاتمو ٽيڪسٽائل انڊسٽري لاءِ مايوس ڪندڙ آهي. پاور لومز انڊسٽري مڪمل تباهه ٿي ويندي.

بقايا 19 ***

. تقريب ۾ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه. وڏي وزير جو خاص مددگار ارباب لطف الله، سنڌ جي وڏي وزير جي ڪوآرڊينيٽر شهزاد ميمڻ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ دنيا جي مشهور پاڪستاني ڪرڪيٽ اسٽارز شاهد آفريدي ايس پي ايل جي برانڊ ايمبيسيڊر ۽ عبدالرزاق ايس پي ايل جي مينٽور طور شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اڄ سنڌ صوبي لاءِ فخر جو ڏينهن آهي ته ايس پي ايل جي شروعات سنڌ صوبي کان ٿي رهي آهي. هن چيو ته وڏي ڳالهه آهي ته قومي هيرو شاهد آفريدي جي سرپرستي ۾ ايس پي ايل شروع ٿي رهي آهي. هن چيو ته سنڌ ڪرڪيٽ ۾ جاويد مياندad، شاهد آفريدي، ظهير عباس جهڙا وڏا نالا ڏنا آهن. هن چيو ته سنڌ پريميئر ليگ مان ڳوٺن ۽ وسندين مان ٽيلينٽ سامهون ايندو. هي اسان جو پنهنجو پروجيڪٽ آهي. سنڌ حڪومت ان جي مڪمل مالڪي ڪندي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ جو هر شخص ايس پي ايل جي اونرشپ وٺندو. هن چيو ته ايس پي ايل جي شروعات ڪراچي کان ٿي رهي آهي. ايندڙ سال ان جو ٻيو سيزن حيدرآباد ۾ ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين. مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ جي وڏي وزير جي راندين بابت خاص مددگار ارباب لطف الله جي وڏي محنت آهي. اڄ اهم ڏينهن آهي جڏهن ايس پي ايل شروع ٿي رهي آهي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ايس پي ايل جي مڪمل سپورٽ ڪئي آهي، ايس پي ايل سان سنڌ جي ڳوٺن ۽ ڏورانهن علائقن جي ٽيلينٽ کي اڳتي اچڻ جو موقعو ملندو. ۽ منهنجي سنڌ جي ڏورانهن علائقن جي ٻارن کي ڪرڪيٽ جي جديد ٽيڪنڪ سکڻ جو موقعو ملندو هن چيو ته ايس پي ايل جي پهرين سيزن جي ئي شروعات حيدرآباد. سکر کان ڪئي وڃي، ان کي سالن تي نه رکيو وڃي. SPLاسان جي صوبي لاءِ اهم آهي. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير جي راندين بابت خاص مددگار ارباب لطف الله چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد صوبي جي عوام کي تفريح ۽ ڪاروبار جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. اسان ترجيح ريلي ڪرائي جيئن عوام کي موقعا ملن. هن چيو ته ايس پي ايل جو مقصد سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪرڪيٽ جي رانديگرن کي همٿائڻ آهي. صوبي جي ڏورانهن علائقن ۾ ڪرڪيٽ جو انفراسٽرڪچر ۽ ادارا قائم ڪرڻ اسان جي ترجيح آهي. اسان شخصيتون نه پر ادارا ناهيندا آهيون ته جيئن ڏور رس نتيجا حاصل ڪري سگهجن. هن چيو ته ايس پي ايل سان معاهدو ڪيو ويو آهي ته هو سنڌ ۾ ڪرڪيٽ اڪيڊميون قائم ڪندا ۽ انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪوچ آڻيندا. ايس پي ايل

جي برانڊ ايمبيسيڊر شاهد آفريدي چيو ته هو ايس پي ايل جي آغاز تي تمام گهڻو خوش آهي. مون سنڌ ۾ ڪرڪيٽ جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ورتيون. پر مايوسي ٿي. هن چيو ته هاڻي ايس پي ايل هڪ وڏي شروعات آهي. ان سان ڪرڪيٽ جي راند کي هٿي ملندي ۽ ٽيلينٽ سامهون ايندو. ايس پي ايل مينٽور عبدالرزاق چيو ته سنڌ پريميئر ليگ وڏي اپرچونٽي آهي. ان جو مقصد ڪرڪيٽ جي ترقي آهي هن چيو ته ٺيڪ نيتي سان رانديگرن جي ڊيولپمنٽ ڪنداسين ۽ ايس پي ايل جو ڀرپور ساٿ ڏينداسين. ان موقعي تي ايس پي ايل جي صدر ملڪ عارف چيو ته سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ ڪرڪيٽ رانديگرن لاءِ موقعا گهٽ آهن بدقسمتيءَ سان سنڌ مان فقط هڪ شاهنواز ڏاهاڻي نڪتو آهي. اهڙا درجنين شاهنواز ڏاهاڻي موجود آهن. هن چيو ته ايندڙ 10 سالن ۾ ايس پي ايل مان 10 هزار روزگار جا موقعا پيدا ڪيا ويندا. سنڌ پريميئر ليگ ڪراچي کان شروع ٿيندي. جنهن جو دائرو سڄي سنڌ ۾ پکيڙيو ويندو ايس پي ايل جو ٻيو سيزن ايندڙ سال حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو ويندو سنڌ پريميئر ليگ لاءِ 6 فرنچائزز ناهيون ويون آهن. جنهن ۾ ڪراچي غازيز، حيدرآباد بهادرز، بينظير آباد لائنز، سکر پيٽريانس، ميرپورخاص ٽائيگرز ۽ لاڙڪانو چيلنجرز شامل آهن. چيئرمين ايس پي ايل ملڪ اسلم چيو ته ايس پي ايل سان نه رڳو سنڌ جي نوجوانن کي پروموٽ ڪنداسين پر سنڌ جي ثقافت کي به اجاگر ڪرڻ جو موقعو ملندو. ان موقعي تي ايس پي ايل جي مختلف فرنچائز جي ڪٽس جي رونمائي پڻ ڪئي وئي.

بقايا 20 ***

پاڙيسرين موجب نذير احمد صبح جو ارچتو لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن تي سندس گهرواري جذباتي ٿي پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري باهه ڏئي ڇڏي. پاڙي وارن در ڪوليو ته اها به فوت ٿي چڪي هئي. پوليس ۽ فرانزڪ ٽيمن شاهدين گڏ ڪري ورتيون ۽ قتل ۽ آپگهات سميت مختلف رخن کان جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 21 ***

نالي سان منسوب ٿيل آهي. جنهن جي 2002ع ۾ تعلقه ڪائونسل ٽنڊوالهيار منظوري ڏني هئي ۽ ان روڊ تي شهيد نذير عباسي جي نالي واري تختي وارو پٿر لڳايو ويو هو. پر 16 فيبروري 2023ع تي ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوالهيار غير قانوني طريقي سان زبردستي روڊ تي لڳل شهيد نذير عباسي جي نالي واري تختي وارو پٿر هٽائي ڇڏيو هو

بقايا 22 ***

ٽي ڊي ترجمان موجب ڳجهي اطلاع تي پاپوش نگر واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪري ٻن جوابدارن فهد بلوچ ۽ زاهد بلوچ کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان هڪ لاشنڪوف، 17 نائن ايم ايم پسٽل، هزارين گوليون هٿ ڪيون ويون آهن سي ٽي ڊي ترجمان موجب، جوابدار

وڃي. هن چيو ته ٽريڊ پارٽي آڊٽ انڪري ڪرايو ويو آهي ته خاميون دور ڪيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته مزدورن جي انشورنس بابت فوري قدم کنيا وڃن.

بقايا 24 ***

مارچ تائين جاري رهندي. تفصيل موجب مختلف سببن جي ڪري 2617 گاڏيون ضبط جڏهن ته 3168 گاڏيون جا ڪاغذ ضبط ڪيا ويا. روڊ چيڪنگ مهم دوران 15 هين ڏينهن تائين اٽڪل سوا چار ڪروڙ رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو آهي. ڪراچي ۾ 11.089، حيدرآباد ۾ 11.611، سکر ۾ 4231، ميرپورخاص ۾ 4836، لاڙڪاڻي ۾ 3384 ۽ شهيد بينظير آباد ۾ 1796 گاڏين جي چيڪنگ ڪئي وئي. ان کان علاوه صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس مڪيش ڪمار چاولا هڪ بيان ۾ ٽيڪس نه ڀريندڙن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي ايڪسائيز کاتي پاران آن لائين ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي سهولت مان فائدو حاصل ڪن. پنهنجي ٽيڪس جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ايڪسائيز کاتي جي ويب سائيٽ www.excise.gos.pk تي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته بغير نمبر پليٽ، فينسي نمبر پليٽ، اپلائيڊ فار رجسٽريشن ۽ اوپن ليٽرتي هلندڙ گاڏيون ضبط ڪيون وينديون.

بقايا 25 ***

وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سيد ناصر حسين شاهه اڄ سي ويو تي رٿيل تقريب ۾ پيپلز پنڪ بس سروس جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ جو ڪوآرڊينيٽر شهزاد ميمڻ، ايم ڊي سعديه جاويد، ٽرانسپورٽ سيڪريٽري عبدالحليم شيخ، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي زبير چنا، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر صهيب شفيق ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت پارٽي قيادت جي خاص حڪم تي سڄي سنڌ ۾ پيپلز پنڪ بس سروس شروع ڪئي آهي. پهرين مرحلي ۾ ڪراچي ۾ آزمائشي بنيادن تي روٽ شروع ڪيو ويو. ان کي شاندار موٽ ملڻ کانپوءِ حيدرآباد ۾ عورتن لاءِ گلابي بس سروس شروع ڪئي وئي. هن چيو ته اڄ کان ڪراچي جا به نوان روٽ شروع ڪيا پيا وڃن. مائرن، ڀينرن ۽ نياڻين جي سهولت لاءِ پنڪ بس سروس کي وڌايو پيو وڃي. هن چيو ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ هي هڪ وڏو قدم آهي. ڪين اسڪولن، ڪاليجن ۽ آفيسن ۾ رسڻ ۾ آساني ٿيندي. هن چيو ته دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ به عورتن لاءِ الڳ بس سروس ناهي. دنيا ۾ صرف 12 ملڪ آهن جتي عورتن لاءِ الڳ بس سروس آهي ۽ پاڪستان به انهن ملڪن ۾ شامل آهي. هن چيو ته پيپلز پنڪ بس سروس کي عالمي ميڊيا ۾ ڀرپور موٽ ملي

بقايا سنڌيار 01

تيمون گهر گهر پهچنديون. هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو گهر گهر پهچندڙ تيمن سان سهڪار ڪن ۽ تيمن کي درست ڊيٽا فراهم ڪن. هن تعليم کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ٽريننگ لاءِ استادن جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عملي جي غير حاضري کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 02

بدين روڊ شاهراه تي ٽاور مان ڪجه نامعلوم چورن چوڪيدار کي يرغمال ڪري ٽاور جي بيٽرين سميت لکين روپين جي واردات ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا ٻي طرف ٽنڊو غلام حيدر پرسان نظاماڻي گاماٽي لنڪ روڊ تي ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ڦرڪري ڊرائيور کي ٽن ڪلاڪن تائين يرغمال بڻائي ڦورو ٻا آساني سان فرار ٿي ويا جڏهن ته ڦورن سرعام ديده دليري سان ڪمند سان ڀريل ٽرالي صدر ٿاڻي پرسان چند فرلانگن جي مفاصلي تي پمپ ويجهو ڇڏي آساني سان ٽريڪٽر ڪاهي گم ٿي ويا ۽ پوليس اڄ تائين چورن جو پتو لڳائڻ ۾ مڪمل ناڪام بڻيل آهي نظر پور جي حد ۾ ڪجه ڏينهن کان مختلف وارداتون ٿينديون رهيون آهن سولرپليٽن کان وٺي ڪري موٽرسائيڪلن سميت ڪيترن ئي دڪانن مان تالا ٽوڙي لکين روپين جي ماليت جون وارداتون معمول بڻيل تعلقي اندر بدامني ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهيو آهي ان لاءِ ساجاه وندن ۽ شهري رهواسين جو وڏيڪ چوڻ آهي ته اسان آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته جلد ئي ڌوهارين خلاف ڪاروائي ڪري جوابدارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي ۽ مالوندن پاڳين سان انصاف ڪري شهرن جو امن بحال ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

مڙس ابراهيم سومرو تشدد ڪندو هو هن مون کان زبردستي سون ڦري گهران ڪڍي ڇڏيو هو 4 مهينا اڳ طلاق ڏئي ڇڏي هئي هاڻي مون ماجد سولنگي سان مورو ڪورٽ ۾ شريعت محمدي موجب حق نڪاح ڪيو آهي جنهن تان ڪاوڙجي منهنجو اڳوڻو مڙس بشير سومرو محمد حسن. گڏو. ماهي. عرس. منٺار. منل ۽ شاهد سومرو جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ڊي ايس پي ڪنڊيارو ۽ ايس ايڇ او محبت ديرو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڄاڻايل ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 04

صحافي اتحاد جي اڳواڻ يونس راڄپر سينئر وڪيل شير محمد اڄڻ امر امتياز ميمڻ ضمير حسين لنڊ عادل عباسي شاهد عظيمي جنيد وسطڙو اسد عمراڻي سليم ميمڻ عتيق وسطڙو مرتضيٰ سومرو عقيل خانزده ثناء الله عباسي منير گانگهو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو نواز گانگهرو ۽ ان جي سموري ٽيم تي تشدد ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا سنڌو نواز گانگهرو تي ڪُوڙي ڏوهه تحت دهشت گردي جي ايف آءِ آر داخل ڪئي اسان نوشهرو فيروز تي ٿافيل ايس ايس پي وڏيرن جي ڪمدارڪان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن سنڌو نواز تان ڪيس ختم ڪري پنهنجي ايس ايڇ او کي گرفتار ڪري ان مٿان سنڌو نواز ۽ حمزه چانڊيو تي تشدد جي ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سموري ضلعي جا وڪيل صحافي شاعر اديب تنهنجي درتي ڌرڻو هڻندا ڪجه به ٿيو ان جا ذميوار توهان پاڻ هوندا

بقايا سنڌيار 05

محمد خان محمد خان زنئور جي سربراهي ۾ ٽنڊو محمد خان پوليس پاران حيدرآباد ٽنڊو محمد خان مين روڊ تي باءِ پاس ٽنڊو محمد خان شهيد بابا پوليس پوسٽ وٽ سنيپ چيڪنگ جو سلسلو جاري آهي سنيپ چيڪنگ دوران فيسني نمبر پليٽ سميت گاڏين جا ڪارا شيشا لاٿا پياوڃن جڏهن ته گاڏي جي تلاشي پڻ ورتي پئي وڃي ان موقعي تي ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان محمد خان زنئور ٻڌايو ته جناب آئي جي سنڌ ڊي جناب ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو جي خصوصي هدايتن تي سنيپ چيڪنگ ڪئي پئي وڃي ان جي چيو ته عوام جي حفاظت ڪرڻ ۽ امن امان برقرار رکڻ اسان جو فرض آهي ان چيو ته عوام کي گهرجي ته پوليس سان تعاون ڪن ته جئين ضلعي اندر امن امان برقرار رهي سگهي

بقايا سنڌيار 06

ڪونسل ڪراچي ايڊمنسٽريٽر نور حسن جوکيو ايس ايس پي مليرا حسن سردار پي ايس 87 پيپلز پارٽي جو صدر امداد جوکيو ۽ ٻين علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ خطاب ڪندي صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو ڳالهائيندي چيو ته تعليم انڌي انسان لاءِ سيدو رستو آهي جيڪو جهالت جي رستي کي ڇڏي روشني جي منزل ڏانهن وڃي ٿو انهن معصوم ٻچن جي دعائن سان ملڪ هلي رهيو آهي پنهنجي ٻارن تعليم جي دولت سان مالامال ڪريو توهانجي اصل دولت اهي بهادر گل آهن هي مستقبل جا معمار سپاهي ڊاڪٽر فوجي بنجي پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪندا ۽ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا تقريب جي آخر ۾ اسڪول جي شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ۽ انعامات سان نوازيو ويو

بقايا سنڌيار 07

جي چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگهرو مٿان ڪنڊيارو پوليس گردي بنا جواز تشدد ڪري دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جيڪا ڪليل دهشتگردي آهي هنن چيو ته حڪمرانن هٿ وٺي مڊل ڪلاس عوام کي معاشي طور تباهه ڪري ڇڏيو آهي هاڻ احتجاج جوبه حق کسيو پيو وڃي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سنڌو نواز گهانگهرو سميت ٻين تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري ڪين فورن آزاد ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت پوري سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويندي

بقايا سنڌيار 08

وٺي، مهراڻ سي سي ڪلب 140 رنسن تي ڊيرٿي وٺي، خبر موجب شهيد بينظير ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ شاه لطيف ڪرڪيٽ ڪلب ۽ مهراڻ سي سي ڪرڪيٽ ڪلب ۾ راند ٿي گذري، شاه لطيف ڪلب ٽاس کٽيندي ڀرئين بيٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ 6 وڪيٽن جي نقصان تي 297 ڻاهيون لطيف ڪلب جي بيٽنگ ڪندڙن ثناءُ الله شاه 45 بالن تي 88 رنسون، شاهد آرائين 25 بالن تي 71 رنسون، مجيد 28 بالن ۾ 33 رنسون ڻاهيون مهراڻ ڪلب جي بالرن بلاول ميمڻ 4 وڪيٽون، رزاق مري 2 وڪيٽون حاصل ڪيون جڏهن جوابي بيٽنگ ڪندي مهراڻ ڪريٽ ڪلب 15 اوورن ۾ 140 رنسن ناهي آل آئوٽ ٿي وئي مهراڻ ڪلب جي بيٽس مينن مختيار 35 رنسون، سميع لاڙڪ 25 ۽ بلال ميمڻ 20 رنسون ڻاهيون جڏهن ته لطيب ڪلب جي بالرن ذيشان چانڊيو 3 وڪيٽون، جڙيل رند 3 وڪيٽون، ثناءُ الله شاه 2 وڪيٽون، ذوهيب لاڙائي 2 وڪيٽون وٺي مهراڻ ڪرڪيٽ ڪلب کي ڍير ڪري 156 رنسن سان راند کٽي ورتي، راند جو مهمان خاص ڊاڪٽر عبدالرزاق پرٽ، مهمانن ۾ عبدالطيف پٽي، سهيل احمد راڄپر، رفيق احمد خانزاده هيا، فائينل کٽيندڙ ٽيم کي 10 هزار روڪ ۽ ٽرافي ڏني وئي ۽ هارائيندڙ ٽيم 5 هزار روڪ ۽ ٽرافي ڏني وئي، جڏهن ته مهمان خاص ڊاڪٽر عبدالرزاق پرٽ ڳالهائيندي چيو ته راند روند صحت مند ماحول پيدا ڪري ٿي نوجوان سماجي برائين کان بچن ٿا ان لاءِ سنڌ حڪومت سميت ضلع انتظاميا کي گهرجي ته نوجوانن لاءِ پلي گرائونڊ تيار ڪري ڏنا وڃن آخر ۾ آيل مهمانن کي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 09

سنڌي ادبي سنگت شاخ محرابپور . سچل ڪميونٽي محراب پور پاران احتجاجي ريلي پبلڪ لائبرري کان ڪڍي وئي. ان موقعي تي غلام اڪبر، شڪيل احمد شيخ ،سنڌ سجاڳي ناري تحريڪ فوزيا ناز، جويرا، نصرت ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو نواز گهانگهرو مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ آهي. ڪنڊيارو پوليس پاران پرامن احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ ۽ تشدد، مٿن ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ پوليس جي نااهلي آهي. سنڌ پوليس هميشه مظلومن تي ڪڙڪي پوندي آهي، وڏيرن، جاگيردارن، پوتارن جي ڪمداري ڪرڻ ۾ هوندي آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ آئي جي سنڌ پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪنڊيارو پوليس ايس ايڇ او سميت اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ٻي صورت ۾ سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ جو سڏ ڏنو ويندو.

بقايا سنڌيار 10

جتي ڊاڪٽرن ڪيس حالت نازڪ هجڻ سبب سکر اسپتال جي نجي ميڊيڪل سينٽر ۾ موڪليو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو اهڙي اطلاع بعد سندس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ شادي جون خوشيون غم ۾ تبديل ٿي ويون هٿي پاسي فوتي نينگر جي والد پوليس اهلڪار غلام نبي پيهو ٻڌايو ته منهنجي پٽ کي ڪنهن اڻ ڄاتل ماڻهو وچه وٺي گولين هڻي قتل ڪيو آهي غوثپور پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا سنڌيار 11

خبر موجب سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ٻار اسڪولن ۾ اچن جيئن سنڌن مستقبل سنورجي سگهي ٻهريان سوچيو هيو ته ٽري علائقن ۾ اسڪول کيڻن هلندا پرهتي اچي ڏلو ته دل خوش ٿي وئي ته والدين ۾ شعور اچي ويو آهي ۽ هو پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا اهڙو اظهار مينيجنگ ڊائريڪٽر سيف عبدالڪبير قاضي ضلعي سکر جي پوئٽي پيپل پوسين مبارڪپور ۽ روپهر ۾ اسڪولن جي افتتاحي تقريبن ۾ شرڪت دوران ڪيو ايم ڊي قاضي عبدالڪبير سيف پاران گوٺ يوسف سمون ۾ ڪوليل روپهر ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ اپروچ اسڪولنگ سسٽم اسڪول ۽ گوٺ راڻو مهر ۾ سنڌ ماڊل اسڪول جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ٻار وڏ ۾ وڏ اسڪولن ۾ اچن ۽ پڙهن والدين به پنهنجي ٻارن جي تربيت ڪن جيئن سنڌن مستقبل سنورجي سگهي هن چيو آهي ته سکر جي ريجنل آفيس کي خيرپور منتقل ڪري رهيا آهيون چاڪاڻ ته ان ضلعي ۾ سيف جا 4 سئو اسڪول آهن اتي ٽريننگ سينٽر کولي استادن جي تربيت ڪنداسين جيئن سنڌن فائدو ٿئي آن موقعي تي هن سان ريجنل هيڊ سکر مشتاق سومرو ڊسٽرڪٽ هيڊ صلاح الدين اوستو ۽ اسڪول پارٽنر اصغر سمون محمد حسن منگي ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 12

سخت نعريبازي مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رهندو اپ ڊاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا نوڪري تي بحال ڪيو وڃي ڪراچي ايئرپورٽ تي نوڪري کان نيڪالي ڏيندڙ ملازمن جو ايئرپورٽ جي مين گيٽ تي احتجاجي مظاهرو ڪراچي ايئرپورٽ تي ٺيڪيداري سسٽم تحت 2600 سئو ملازمن کي فارغ ڪيو ويو مظاهرو ڪندڙ جو ٽن ڏينهن کان احتجاج جاري آهي ڪيترائي ملازم احتجاج دوران بي هوش ٿي ويا انهن کي بيهوشي جي حالت ۾ اسپتال روانو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ ملازمن ڳالهائيندي چيو ته اسان کي نوڪري کان هن مهنگائي جي دور ۾ فارغ ڪيو ويو آهي اسان کي بحال ڪري واپس نوڪري تي رکيو وڃي نه ته اسان مرڻ گهڙي تائين احتجاج جاري رکنداسين

بقايا سنڌيار 13

سيڪريٽري سرفراز احمد ميراڻي، صحافي ارشاد علي ميراڻي، ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ڪائونسلر سيد ڪاشف اعظم شاه راشدي، ڪائونسلر ڪاشان قاضي، مهتاب احمد ڪرٽيو ۽ ٻين سندس جي اسڪول پهچي گلن جا هار ۽ اجرڪ پارائي مبارڪون ڏنيون، هٿي پاسي هيڊ ماسٽر گورنمينٽ پرائمري اسڪول (2) ٺٺون ديرو رياض حسين ميراڻي ۽ ميراڻي برادري جي دوستن سان گڏجي پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي ٺٺون ديرو جي جنرل سيڪريٽري محمد انور برڙو جو شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ سندس جي رهائشگاهه پهچي پارٽي اڳواڻ پاران اسڪول جي وڏي ۾ وڏي ذميواري ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪيو.

بقايا سنڌيار 14

